# شاهه عبداللطيف ڀٽائي

## فن، فڪر ۽ شخصيت
## جديد مطالعو

### ادا قاضي

نئون نياپو اڪيڊمي
۲۴ - ۴ ماڙ، رحمان ڪورٽ،
تبت سينٽر ڪراسنگ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي
فن، فڪر ۽ شخصيت
جديد مطالعو

ادا قاضي

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2000ع
پرنٽر: ڊيسنٽ پرنٽنگ پريس پاڪستاني چوڪ، ڪراچي
ڪمپوزنگ: زينت ڪمپوزرس 4/24، رحمان ڪورٽ،
ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي.

قيمت: 30 رپيا

هول سيل ايجنٽ

نئون نياپو ڪتاب گهر
لڳ گهنٽي ٽاڪ
لاڙڪاڻو سنڌ

**SHAH ABDUL LATIF BHITAI**
**Art, Philosophy and Personality**
**MODERN STUDY**
BY: ADA QAZI

EDITION: FIRST: DECEMBER 2000
PUBLISHED BY: ***NAON NIAPO ACADEMY KARAÇHI***

***Rs: 30.00***

# ارپنا

پنهنجي ابي امڙ ڏانهن
جن جي دعائن
ادب جي پنڌ جو
پانڌيئڙو بڻايو

# سٽاءُ

پبلشر جو نوٽ، انعام عباسي -7
مٽيءَ لڌو مانُ، ادا قاضي -9

شاهه جو روحاني راز -14
شاهه جي شجاعت -17
شاهه مبلغ جي حيثيت ۾ -23
شاهه عاشق جي روپ ۾ -27
شاهه جي فقيري -30
شاهه جي اهل بيتن سان عقيدت -35
شاهه ٻٽيو سسئي -40
شاهه جا اکين متعلق ويچار -45
شاهه حق جي ڳولا ۾ -50
شاهه ساٿيهه جي سڪ ۾ -54
شاهه جو غيب تي ايمان -60

# پبلشر جو نوٽ

شاهه سائين تي ايتري تہ سولي ڪان بدر ابتڙي تائين ۽ بين اٿڳڻين عالمن اديبن جا ڪيل ڪم سراسر ساراهڻ جوڳا آهن.

۽ هونءَ بہ اهو تہ بي نقاب سچ آهي تہ شاهہ جي شاعريءَ ۾ سنڌ محفوظ ۽ تروتازا آهي ۽ رهندي.

۽ شاهہ سائينءَ سڄي سنڌ: ٿر، بر، ڊٺر، ٻيٽر، ول، وڻ، ٻکي ٻکڻ، سمنڊ، درياهن، واهڙ واهوندن ۽ هر وٿ وکر کي پنهنجي لازوال شاعري ۾ سينگاري امر ڪري ڇڏيو آهي.

صدين پڇاڻان بہ اسان سڀ، سنڌي هڪ هڪ سٽ کي کوليون ٿا ۽ وڌيڪ جي تڙپ ۾ رهون ٿا.

هي ڪتاب ان چاهہ، ڇهڇ ۽ پاڇوهہ جو تسلسل ئي آهي، پر باوجود ان جي شاهہ سائين تي وڌيڪ ڪم جي شديد ضرورت آهي.

۽ اسان جي هيءَ شروعات بہ ان ۾ ڳڻدي وڃي.

هي ننڍڙو ڪتاب دل جي حضور سان شاهہ سائين جي چاهيندڙن جي هٿن ۾ رکندي اها ساڳي پراڻي گهر تہ پيار منجهان پڙهي ۽ پنهنجائپ مان صلاحون ڏيندا تہ جيئن اسان سو سڪ پاتا.

انعام عباسي
چيئرمين
نئون نياپو اڪيڊمي

# مهاڳ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي تي لکڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪونهي مون جهڙا ڪيترائي سڌڙيا سواءِ چند عقيدت جي لفظن جي، شاهہ تي وڌيڪ شايدئي ڪجهہ لکي سگهن بهرحال ڪجهہ نہ ڪجهہ شاهہ جي شان ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، جيڪا پاڻ لاءِ سعادت تصور ڪيان ٿو ۽ شايد يوسف جي خريدارن ۾ نالو ڳڻجي پوي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سن 1629 ۾ حيدرآباد ضلعي جي تعلقي هالا جي ننڍڙي ڳوٺ هالا حويلي ۾ جنم ورتو. شاهہ سائين سيد حبيب شاهہ جو فرزند سيد عبدالقدوس جو پوٽو ۽ سيد جمال شاهہ جو پڙپوٽو هو. سيد جمال شاهہ، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ٽيون پٽ هو. شاهہ سائين جي والدهہ مخدوم دياني هئي، شاهہ جي ڄمڻ کان ٿوروئي وقت بعد شاهہ حبيب هالا حويلي ڇڏي وڃي ڪوٽڙيءَ ۾ رهيو. هالا حويلي ڀٽ کان نو ڪوهہ ۽ ڪوٽڙيءَ کان ٻہ ڪوهہ پري آهي. هن وقت اهي ٻئي ڳوٺ بلڪل ويران آهن.

شاهہ سائين کي سندس والد وائي ڳوٺ جي هڪ عالم آخوند نور محمد ڀٽيءَ وٽ پڙهڻ ويهاريو. چون ٿا تہ شاهہ "الف" اچارڻ بعد "ب" اچارڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ لحاظ کان شاهہ سائين "اڻ پڙهيل" هو! يا نہ. تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ هو هڪ يگانو عالم هو ۽ وري ڪن صاحبن جو رايو آهي تہ هن کي "علم لدني" حاصل هو، جيڪو خدا طرفان ڪامل ولين کي عطا ٿيندو آهي.

سائين اڪثر ڪري ٽي ڪتاب پاڻ سان ڪندو هو.

(١) قرآن شريف، (٢) مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي،

(٣) شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو.

پر انهن ڪتابن متعلق ڪا پڪي شاهدي نٿي ملي، مير قانع ٺٽوي جيڪو شاهہ سائين جو معتقد هو، پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ لکي ٿو: "حضرت شاهہ عبداللطيف اڻپڙهيل هوندي بہ ساري عالم جو علم سندس دل تي نقش هو". مٿيون ڪتاب شاهہ جي وفات کان سورنهن ورهيہ بعد ۾ لکيل آهي، انهيءَ ڪري عالم ان کي هڪ اهم سند سمجهن ٿا. هڪ روايت آهي تہ شاهہ سائين کي ويهن ورهين ۾ مجازي عشق جي لپاٽ لڳي، جيڪا هن طرح هئي، ڪوٽڙي جي مرزا مغل بيگ جي نياڻي جيڪا بيمار ٿي پئي هئي، تنهن کي دعا ڏيڻ لاءِ شاهہ حبيب پاڻ چاڪ نہ هئڻ سبب، اوڏانهن شاهہ سائين کي موڪليو بيبي صاحبہ پردي جي سخت پابند هئڻ ڪري وڏي چادر سان سڄو بدن بلڪل ڍڪيو ويٺي هئي ۽ سندس هڪ آڱر ٻاهر هئي شاهہ سائين بيبي صاحبہ جي آڱر ڏسڻ سان بيخود ٿي ويو. شاهہ سائين بيبي صاحبہ جي آڱر ۾ هٿ وجهي دعا ۾ هي لفظ چيا "جنهنجي آڱر سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نڪو لوڏو" شاهہ جا اهڙا سخن ٻڌي مرزا مغل بيگ ڏاڍو ناراض ٿيو پر وقت جي نزاڪت کي سمجهندي هو چپ ڪري ويو، پر پوءِ ان سيدن کي اهڙو تہ تپايو جو سيد سڳورا مجبور ٿي ڪوٽڙي ڇڏي اتر طرف ڪجهہ پرتي حويلي اڏي ويٺا. عشق جو ڪان لڳڻ کان پوءِ شاهہ هرڻ ۽ هماءُ مثل بيابانن ۾ سرگردان

حيران پريشان ٿي ڦرندو رهيو. هڪ دفعي تي ڏينهن شاهه سائين غش ٿي ڪريو پيو هو، سندس والد حبيب شاهه کيس ڳوليندي اچي ان هنڌ پهتو جتي شاهه سائين جي سڄي جسم تي واريءَ جو تهه چڙهي ويو هو ۽ سندن قميص جو فقط هڪ ٽڪرو پئي نظر آيو. شاهه حبيب اهو منظر ڏسي وڏي سوز منجهان هيئن چيو:

"لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لتجي"

اهو ٻڌي شاهه سائين بيخوديءَ جي حالت ۾ چرڪ ڀري جواب ۾ وراڻيو:

"پئي ڪٺي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي"

هڪ ڏينهن شاهه سائين اوچتو بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي جوڳين جي سنگت ۾ هنگلاج هليو ويو. سندن صحبت ۾ ٽي ورهيه سفر ۽ سياحت ۾ رهيو. جوڳين جي صحبت ۾ جيءَ کي جفائون ڏيندي جهاني تجربا پراپائين ۽ آملهه آتمڪ خزانا هٿ ڪيائين. هنگلاج جي سفر ۾ جيڪي ماڳ مڪان ڏٺائين انهن جو ذڪر سسئي، ڪاهوڙي، رام ڪلي وغيره ۾ ڪيو اٿس.

هنگلاج کان واپسيءَ تي سنڌو ندي وارو پتڻ اڪري مغلين، لکپت، هالار، دوارڪا، پوربند، جهونا ڳڙهه، گرنار ۽ ڪنيات گهميو. ٺٽي ۾ مخدوم معين رح جنهن کي مخدوم "تارو" بہ چوندا هئا، سان گڏ ڪيترن ڏينهن تائين رهيو. سائين عالمن سان بہ رهاڻيون ڪيائين وطن ورندي جيسلمير ۽ ٿر بہ گهمندو آيو. اهڙو بيان سر مارئي ۾ ڪيو اٿس، جيسلمير کان لڏائو ٽڪري ۽ ان سان لڳ ڪاڪ ڪنڌيءَ جو ذڪر وري سر مومل راڻو ۾ ڏنو اٿن.

"ساري ڏيج سيد چئي لڏائي تان لان"

هڪ دفعي ننگر ٺٽي کان ويندي، هڪ غار ۾ هڪ شخص ڏٺائين جيڪو هيٺ ڏنل مصرعو نهايت درد ناڪ انداز ۾ چئي رهيو هو.

"هيڪلائي هيل، پوريندي پنهونءَ ڏي"

کائنس پڇڻ تي معلوم ٿيو جت هالن جي پرسان لنگهندي اهو مصرعو فقيرن جي واتان ٻڌو هئائين.

شاهه چيس تہ ان جو ٻيو مصرعو ٻڌنديس. جنهن تي جت ڏاڍي خوشي ڏيکاريندي هائوڪار ڪئي ۽ شاهه مصرعو چئي ٻڌايس.

ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور پريان جا سڻ مون.

جت اهو مصرعو ٻڌڻ سان تڏي تي ئي فوت ٿي ويو. شاهه کي ڏاڍو ڏک ٿيو. جت کي اتي دفن ڪرايائين. ان جت جي قبر اڃا تائين اتان لنگهندڙ واٽهڙن کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. شاهه سائين اڪثر ڪري ان ڳالهه جو ذڪر ڪندي چوندو هو تہ انهيءَ جت جهڙو درد وارو انسان مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو.

شاهه حبيب پٽ جي فراق ۾ بيحال گذاريندي ڏينهن رات هن جي موٽي اچي ملڻ لاءِ دُٿيءَ در ٻاڏائيندو رهندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو شاهه سائين اچي گهر پهتو. کيس ڏسڻ سان شاهه حبيب جا سمورا درد دور ٿي ويا.

شاهه سائين جي شاديءَ جو بہ عجب قصو آهي. هڪ ڏينهن مردن جي غيرحاضري ۾ دل ذات جا ڪجهه ڏاڙيل مرزا مغل بيگ جي حويليءَ تي ڪاهي آيا. سمورو قيمتي سامان ڪٺي هليا ويا. مغل بيگ پاڻ سان هٿياربند ماڻهو ساڻ ڪري ڏاڙيلن جو پيڇو ڪيو. شاهه جڏهن شاهه سائين کي واردات جي خبر پئي تہ مغل

بيگ کي مدد جي آچ ڪيائون. پر هن نفرت ڀرين لفظن سان سندن آڇ ٺڪرائي ڇڏي. جنهن تي شاهه کي ڏاڍو رنج پهتو ۽ چون ٿا ته شاهه سائينءَ کان بي اختيار بددعا نڪري وئي. ”بيگ تنهنجي بيگي رهندي ڪوٽڙيءَ ۾ ڪان“ اهڙي طرح مرزا بيگ پنهنجن ساٿين سميت ڏاڙيلن هٿان مارجي ويو. ان بعد مغلن جي عورتن سيدن جو رنج مٽائڻ لاءِ اچي ڪانئن معافي ورتي ۽ مرزا بيگ جي انهيءَ نياڻي سان شاهه سائين جي شادي ڪرائي، جنهن عشق جي مجازي لپاٽ شاهه کي حيران ڪري ڇڏيو هو. شاهه سائين جي گهرواريءَ جو نالو سيده بيگم هو، مگر فقير کيس ادب وچان تاج المخدرات“ يعني ”ستين جو تاج“ ڪري سڏيندا هئا. شاهه کي ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو. چون ٿا ته بيبي صاحبه کي هڪ وار اميد ٿي هئي. ان دوران کيس پلي کائڻ جي خواهش ٿي. جيئن ته پٽ جي پرسان پلو ملڻ ڪجهه مشڪل هو. سو هڪ فقير پري کان پلو هٿ ڪري اس ۾ پگهريل تيز گامن سان ڊوڙندي ٿي آيو. شاهه سائين ان کان تڪڙو اچڻ ۽ سهڪڻ جو سبب پڇيو. جنهن خوشيءَ منجهان ٻڌايو: ”سائين بيبي سائڻ سنگها سان آهي. کيس پلي جي خواهش ٿي، سو هٿ ڪري آيو آهيان.“ اهو قصو ٻڌي شاهه سائين چيو: ”اهڙو اولاد نه گهربو، جو ڄمڻ کان اڳ ئي منهنجي فقيرن کي ٿو رلائي.“ چون ٿا ته بيبي سائڻ کي ٻار پيٽ ۾ ئي سڪي ويو. شاهه هميشه چوندو هو ته، هي فقير ئي منهنجو اولاد آهن. ڇو جو دليون عشق سان گهايل آهن، تحقيق درويش جا مريد سندن نوري پٽ آهن.

شاديءَ بعد شاهه جي زندگي رياضت، عبادت، شعرگوئي ۽ قدرت جا من موهيندڙ نظارا ڏسڻ ۾ گذري جيڪي کيس وجد ۾ آڻي ڇڏيندا هئا. اڪثر ويچار ڪندو هو ته انسان ڇا آهي؟ جهان ڇا آهي؟ جيو، جڳت ۽ خدا ڇا آهي؟

شاهه سائين کي شاهه عبدالڪريم جي مقبري ٺهرائڻ جو خيال ٿيو. سو ان جي تعمير واسطي، ڪاشيءَ جون سرون هٿ ڪرڻ لاءِ ملتان تائين ويو. واپسي تي جڏهن خدا آباد پهتو ته ان وقت سنڌ جو بادشاهه ميان نور محمد ڪلهوڙو جيڪو شاهه سان اختلاف رکندو هو، تنهن زهر ملايل معجون جي دٻلي نذراني طور شاهه ڏانهن ڏياري موڪلي شاهه سائين اها دٻلي درياهه ۾ اڇلائي ڇڏي ۽ چيو ته هن جي کائڻ سان رڳو مون کي فاعدو رسي ها هاڻي سمورو درياهه فائدو وٺندو. ٿوريءَ دير بعد درياهه جي ان ٽڪري ۾ مئل مڇيون ترنديون نظر اچڻ لڳيون. هن وري ٻئي دفعي شاهه کي دعوت ڏئي هڪ سرڪش گهوڙي سونن سنجن سان سينگاري تحفي طور ڏني. شاهه سائين گهوڙيءَ جو لغام ڀري اڇلائي کيس اڙي هٽي برق رفتاري سان اتان گذري ويو ۽ جهٽ گهڙيءَ کان پوءِ صحيح سلامت ساڳي ماڳ تي موٽي آيو. ميان نور محمد اهو ڏسي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ دشمن منجهان ڦري سندن معتقد ٿي پيو. اهڙي طرح شاهه جي دعا سان ميان نور محمد کي پٽ ڄائو جنهن جو نالو غلام شاهه ڪلهوڙو رکيائين.

شاهه سائين کي هاڻ خلوت جي عشق ڪوٽڙيءَ ۾ رهڻ نه ڏنو، سو نون هالن کان ٻن ڪوهن تي ڪراڙ ڍنڍ جي ويجهو ڪرڙن ۽ ڪنڊن ۾ ويڙهيل هڪ دڙي کي پنهنجو آستان بڻايو. فقيرن جي مدد سان انهيءَ واريءَ جي دڙي مٿان چيڪي مٽي وجهرائي پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙي تيار ڪرائي ۽ هڪ ننڍڙي ، سجد به ٺهرائي پٽ تي فقيرن کي به رهڻ لاءِ حدون مقرر ڪري ڏنيون. مينهوڳيءَ جي منڊ ۾ پٽ

ساوڪ جو ويس پھريندي ھئي. اھڙي شاھدي شاھہ سائين جي سر سارنگ منجھان بہ ملي ٿي.

شاھہ سائين اجا ٻٽ ڪي چڱي طرح تيار ئي ڪونہ ڪيو ھو تہ ڪيس والد جي سخت بيماريءَ جي خبر ملي. شاھہ حبيب قاصد معرفت پٽ ڏانھن ھيءُ نياپو موڪليو.

ڪنھن جنھن نينھن نتڏاھہ، جي مون واجھائيندي نہ ورھہ،
جيڪي مٺي ڪنداھہ، سو جانب ڪريو جيئري.

شاہ سائين قاصد کي پھرين فرصت ۾ ھيءُ نياپو ڏئي واپس ڪيو.

متان تئين ملور، ڪين آڳاھون آھيان،
ڏسڻ ۾ ڪو ڏور، حد پنھنجي جي ھيڪڙي.

ان بعد شاھہ سائين والد سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. پر افسوس سندس پھچڻ کان اڳ شاھہ حبيب رحلت ڪري ويو ۽ سندس وصعت موجب محمود فقير جي سيرانديءَ دفن ڪيو ويو. ھڪ روايت آھي تہ شاھہ سائين وفات کان ٿورو اڳ پنھنجو ڪلام، جيڪو فقير قلم بند ڪندا ويندا ھئا. ھڪ ڏينھن وجد ۾ اچي ڪراڙ ڍنڍ ۾ انھيءَ ڪري اڇلائي ڇڏيو تہ متان ٻي سمجھہ ماٺھو ڪلام جو مطلب نہ سمجھندي گمراھہ نہ ٿي وڃن. شاھہ جي انھيءَ عمل تي فقيرن وٺي ماتم شروع ڪيو. وري جيئن تہ فقير شاھہ سائين جي ڪمزوري ھئا سو ڪين خوش ڪرڻ لاءِ سائين جي ھڪ مريدياڻي "مائي نعمت نيامت" جنھن کي ڪلام جو وڏو حصو برزبان ياد ھو کي سڏائي چيو تہ اھو ڪلام فقيرن کي لکرائي ڇڏي. اھڙي طرح انھيءَ نئين تيار ٿيل رسالي کي "گنج" ڪري سڏيائون جيڪو سندس ھڪ پياري فقير تمر جي حفاظت ۾ رھيو. ان فقير جا پويان اجا تائين ان جي حفاظت ڪندا پيا اچن.

شاھہ سائين سادگي پسند ھوندو ھو، سندس پوشاڪ ڪاري ڌاڳي سان سبيل ھڪ گيڙوءَ رتي ڪفني ھوندي ھئي. مٿي تي اڇي رنگ جي وڏي ٽوپي يا "قله" ان جي مٿان ڪاري ڪپڙي جو ٽڪرو ويڙھيل ھوندو ھوس. ھٿ ۾ بيراڳڻ ڪٺندو ھو. ڪاڏي لاءِ ھڪ ڪشتو. پور پوندس تہ جتي پائيندو. نہ تہ اڪثر ڪري پيرين اگھاڙو رھندو ھو. سندس بسترو ھڪ پراڻي ڪتائين گودڙي ھوندي ھئي. ننڍ بہ تمام ٿوري ڪندو ھو ۽ سمھندو بہ سندل تي ھو. شاھہ سائين جي استعمال جون اھي سڀ شيون ڀٽ تي اڄ بہ موجود آھن.

شاھہ جي محفل ۾ سارو ڏينھن سرودءِ سماع جاري ھوندو ھو. وٽس دھليءَ جا بہ گويا "اٽل" ۽ "چنچل" بہ حاضر خدمت ھوندا ھئا.

شاھہ موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو ھو راڳ تہ سندس روح ۾ رچيل ھو. ڪڏھن ڪڏھن پنھنجو چيل ڪلام بہ ڳائيندو ھو. وفات کان ٿورو اڳ گھڻي قدر سر سھڻي جي پھرين داستان ۾ ڏنل ڪافي جھونگاريندو ھو.

کھڙي منجھہ حساب؟ ھئڻ منھنجو ھوت ري لا!

شاھہ سائين حياتيءَ جي پڇاڙي ۾ ڪربلا شريف جي زيارت جو سفر شروع ڪيو. ڪيس رستي ۾ سندن ھڪ مريد گڏيو. جنھن چيس تہ اوھان سدائين اھو

چوندا آهيو تہ اوهان جو ڪفن دفن پٽ تي ٿيندو؟ اوهان جا فقير ڪلهي ڪانڌي ٿيندا. پوءِ ڪيئن پڇاڙيءَ ۾ هيڏي وڏي سفر تي نڪتا آهيو. ان شخص جي لفظن شاهہ تي ايترو گهرو اثر ڪيو جو زيارت جو خيال ترڪ ڪري پٽ ڏانهن واپس موٽي آيو. ۽ ڪارو ويس ڍڪي امامن جي ماتم ۾ سر ڪيڏارو چيائين. اهڙي طرح پورا ايڪويهہ ڏينهن اڪيلائيءَ ۾ رهيو، جنهن دوران صرف ٻن ويلن جيترو ڪاڏو ڪاڌائين. جڏهن ٻاهر آيو غسل ڪري هڪ چادر مٿان وجهي مراقبي ۾ ويهندي فقيرن کي سرود ۽ سماع جو اشارو ڪيائين. اهڙيءَ ريت ٽن ڏينهن تائين راڳ روپ جي محفل هلندي رهي. آخر محفل ختم ٿيڻ تي فقيرن شاهہ جي زيارت جي خيال سان سندن ويجهو وڃي چادر لاهي ڏٺائون تہ سائين جو روح پرواز ڪري مالڪ حقيقيءَ سان وڃي مليو هو! شاهہ سائين صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ سنہ 1156 هہ مطابق سنہ 1752ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. شاهہ سائين جو خاڪي بدن سندس وصيت موجب پٽ تي محمود شاهہ جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو. ان وقت جي سنڌ جي حاڪم مياں غلام شاهہ ڪلهوڙي پنهنجي خرچ سان سندن تربت مٿان عاليشان مقبرو 1759ع ۾ ان وقت جي ناميارِي رازي "عيدن" کان جوڙايو. ميرن جي صاحبيءَ ۾ مير نصير خان مقبري ۽ مسجد جي مرمت ڪرائي. سندس سوٽ مير محمد خان مقبري کي چانديءَ جو دروازو وجهرايو. شاهہ سائين جي تربت هينئر عام ۽ خاص لاءِ هڪ زيارتگاهہ آهي. ان جو ديدار دل کي آرام ڏيندڙ آهي.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، متيءَ لڏو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آڳهہ اُن جي. "سريراڳ"

**ادا قاضي**
**لاڙڪاڻو**

# شاهہ جو روحاني راز

۱

شاهہ سائينءَ جي رسالي جي عوامي ٻولي هئڻ ڪري سندن بيتن جي معنيٰ ظاهري طرح آسان آهي. پر سندس روحاني راز کي رندئي پروڙي سگهندا. ان راز کي پهچڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي ان راز حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جستجوءَ جي ضرورت آهي ان جي حاصلات واسطي مون جهڙا ڪيترائي سڌڙيا کهي ويا. کهندا رهن ٿا ۽ کهندا رهندا. سندن رسالي جو جيڪڏهن تفسير لکجي تہ اصلي مجموعي ڪان گهڻو وڏو ٻيو جلد تهي پوندو. لطيف سائينءَ جو هر شعر ظاهري معنيٰ سان گڏ روحاني رازن جو ڀنڊار پڻ آهي جنهن جي ڪنجي صرف آهي حاصل ڪري سگهندا جيڪي بنا ترهي تانگهي ۾ تڙڳڻ جا هيراڪ هجن يا ڪن ڪي يار جي تند تنبورو ٻڌائي هست هوندي نيست ڪري الست بربڪم جو ورد ويچارايو هجي ۽ سندن رڳون رباب ٻڌجي قالوبلا تي قائم ٿي ڪيل ڪوتاهين جي مغفرت مگڻ لاءِ مونن ۾ منهن پائي يار جي تصور ڪان توبهہ طلب ڪندڙ آهن ۽ استغفار سندن دل جي ڌڙڪن ٻڌجيو وڃي ٿي ۽ هر هڪ دل جو ڌڪ تسبيح جي مٽئي مثل آواز ڪندو رهي ٿو ۽ هو تن ڪي تسبيح ٻڌائي من جي موتيءَ سان هلندا رهن ٿا. پوءِ جيڪڏهن سجاڳ آهن تہ فڪر ۾، ”جي ننڊ ۾ آهن تہ سندن وقت ذڪر ۾ گذري ٿو. اهڙا انسان هوس ڪان پاڪ هوندا آهن، هنن جي زندگي صرف خير لاءِ ٿئي ٿي، هو خالي هٿين بہ غني ٿين ٿا. سندن هڪ ديد سان تقدير بہ بدلجيو وڃي، سندن دعا ڪنهن خاص فرقي قوم يا ملڪ لاءِ نہ هوندي آهي. وٽن شاهہ، گدا، پنهنجا، پراوا، زاهد يا گناهہ گار هڪ ئي قطار ۾ شامل ٿين ٿا تنهن ڪري جيڪڏهن ڪين رحمت العالمين جو نمائندو چئجي تہ غلط نہ ٿيندو جيئن ڀٽ ڌڻي چوي ٿو.

سائنيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين. ”سارنگ“

هن دنيا ۾ هر هڪ انسان ڪنهن نہ ڪنهن منزل کي رسڻ لاءِ پنهنجي وت ۽ وس آهر دولت جي گهڻائي يا عقل جي اڪابريءَ سان جستجو ڪندو رهي ٿو پوءِ هو جيڪا نيت ڪري اڳتي وڌي ٿو ان جي مناسبت سان مراد سندس جهوليءَ ۾ اچي پوي ٿي. اهڙي طرح خدا جي عاشق لطيف سائينءَ جي من ۾ بہ اهڙي جستجوءَ جو درياهہ موج زن هو. هو واحدهٗ جي وحدانيت جو متلاشي هو ۽ الاهي قرب جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ فقيريءَ جو ويس ڍڪي جوڳين ۽ فقيرن سان بن بن رمندو ۽ چلا ڪيندو رهيو. هو پنهنجي ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو، ان جي خبر ڪيس ئي هوندي پر هيترن ورهين گذرڻ بعد بہ سندس هر سال ورسي ملهائي وڃي ٿي، ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ هن پنهنجو پاڻ پرينءَ کي ارپي اهڙو تہ راضي ڪيو هو جو لطيف سائينءَ جي ذات اسان لاءِ تقليد جوڳي بڻجي پئي، پاڻ اهڙو اشارو پنهنجي هڪ شعر ۾ هيئن ڪن ٿا.

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي متيءَ لڌومان،
ڪوڙين ڪن سلام اچيو آڳهه ان جي. "سريراڳ"

شاهه سائينءَ جي شعرن منجهان اهو به يقين ٿئي ٿو ته هو فنافي الله جي منزل کي رسي چڪا هئا. اهڙو ثبوت سندن هيٺ ڏنل بيت مان ملي ٿو.

سر ڏونديان، ڌڙ نه لهان، ڌڙ ڏونديان، سر ناهه
هٿ، ڪرايون، آڱريون، ويا ڪپجي ڪانه،
وحدت جي وهانءِ، جي ويا سي وڍيا. "ڪلياڻ"

هينئر آءُ سداحيات جي سدابهار گلشن منجهان سامعين کي هڪ اهڙي گل جو واس وٺائڻ گهران ٿو جنهن جي سرهاڻ مشڪ عنبر کان به مٿي آهي. سهڻو گهوٽ فرمائي ٿو:

"جنهن جي چيچ سيد جي هٿ تنهن کي لهر نه ڪو لوڏو"

شعر پڙهڻ سان خاموش مانداڻ مچي ويو گهڻن چهرن جون رونقون ڦري ويون. هزار جي رفتار سان وچ ڪري پر زهر جو ڍڪ پرجي ويو زبان تي شڪايت ظاهر نه ٿي.

ڏاڍ جا ڌونڌا ريندڙ طوفان ڪڙا ٿي ويا. اهل بيت عقوبتن ۾ اچي ويا. ظالم صرف ظاهر پرست هئا ڪين روحاني رمز جي کهڙي ڄاڻ. پلا جنهن جهڙ ٿي نه ڏٺو هجي تنهن کي وسڪاري جو کهڙي خبر. دشمني ڪرڻ ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڏنائون. مخالفن جا تير هئا سهڻن جا سينا هئا ترڪش خالي ٿي ويا پر سينا ساڳئي طرح سپر بڻيا رهيا آخر پاڇولا ڦريا آفتاب جي جواني شام جي پيريءَ ۾ داخل ٿي. سندس تپش ۾ به مانائي آئي حقيقت جو الم نشب ٿيو ڪدورت دور ٿي. ڪلفت الفت ۾ بدلجي وئي وصل جو واءُ وريو پونئري ۽ گل جي ڳنڍجائي ٿي.

"لڪيو منجهه نراڙ قلم ڪيازيءَ نه وهي"،

ڏسڻ وارن فيصلو ڏئي ڇڏيو پر مخالفن جي نور ۾ اها نظر ئي ڪانه هئي، جنهن سان حقيقت جي پردي ڪان پار ڏسي سگهن.

حق سان هم ڪلام ٿيڻ وارو نواسي جي نينهن ۾ گرفتار!

ڪڏهن سندس سواري ٿي بڻيو ڪڏهن سندس ڳل پئي چميا ڪڏهن ڪيس چيچ کان وٺي گهمڻ پئي سيکاريو اهڙو دستگير نه ٿيو ڄائو آهي نه ڄمندو جنهن جي آڱر جي اشاري سان قمر ٻه ٽڪر ٿي پيو. غروب ٿيل سج وري واپس نڪري اچي اهڙو هٿ جنهن کي به لڳو سو ڪامياب ٿي ويو.

حضرت بلال رح موذن فرشتو بڻجي ويو، حضرت ابوبڪر رضه صديق اڪبر ٿي ويو. بي بي خديجة الڪبريٰ طاهره بڻجي وئي. بي بي عائشه صديقه جو لقب پاتو، بيبي فاطمة الزهريٰ خاتون جنت جو رتبو ماڻيو، حضرت علي رضه ابو تراب جي خلعت پهري. مظلوم حسين رضه دين پناهه بڻجي ويو.

"رند پروڙن راز ڪونهي ڪم ڪچن جو"

جڏهن شاهه سائينءَ بيبي صاحبه کي چادر ۾ ويڙهيل ڏٺو ۽ صرف سندس چيچ ظاهر هئي، تڏهن سندن پاڪ دامنيءَ کي محسوس ڪندي ائين نه چيائين ته جنهن جي چيچ منهنجي هٿ ۾ ۽ نه ئي ائين چيو ته جنهن جي آڱر لطيف جي هٿ ۾. پر ان

جي بجاءِ شاهہ سائينءَ اهو عرض حضورﷺ پر نور جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيو، جنهن يدالله جي آگر جهلي، جنهن خاتون کي چيچ کان پڪڙيو جنهن حسنين جون آڱريون وٺي ڪين هلڻ سيکاريو.

ظاهر ۾ شاهہ سائينءَ جو هٿ بنيبي صاحبہ جي چيچ ۾ هو پر اهو صرف حضورﷺ جي دربار ۾ پيش ڪرڻ لاءِ هڪ مريض جي وڪيل طور هو جنهن ڪري چيائون:

"جنهن جي چيچ سيد جي هٿ تنهن کي لهر نہ ڪو لوڏو"

آخر ۾ شاهہ سائينءَ جو دعا ڀريو بيت.

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جا انواع،
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي. "يمن ڪلياڻ"

# شاهہ جي شجاعت

اها هڪ مجيل حقيقت آهي تہ شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ رونما ٿيندڙ تبديليون پڻ بيان ڪيون آهن. سندن شاعريءَ جي واڪاڻ ڪرڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ مثل آهي. سندن نعم البدل ان وقت تائين ممڪن ئي ڪونهي جيسين سائين جي ڏسيل رمرن تي رند رمندا رهندا. سندن شاعري زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي نشاندهي ڪري ٿي. پتائيءَ جو هر نقطو مختلف منزلن ڏانهن سفر ڪرڻ جي راهہ فراهم ڪري ٿو. آءٌ هت صرف سندن شجاعت جي پهلوءَ تي بحث ڪندس.

ڪين جيڪا پنهنجي جنم ڀوميءَ سان محبت ۽ عقيدت هئي، ان جو مثال ئي ملڻ مشڪل آهي. آءٌ پنهنجي قليل علم ۽ ڄاڻ موجب سندن رسالي کي اونهائيءَ سان جاچيندي اهو ڏٺو آهي تہ رسالي ۾ اهڙو ڪوبہ سُرَ ڪونهي جنهن ۾ شاهہ سائين اڳتي وڌڻ يا جدوجهد ڪرڻ سان گڏ وطن تي قربان ٿيڻ جو سبق نہ ڏنو هجي. هو عاشق الله هئڻ سان گڏ عاشق وطن پڻ هو جنهن ڪري سندن چوڻ آهي تہ: وطن جي عاشق کي قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ سوري ڪر ڪنيون اهڙن عاشقن کي وڏي واڪ سڏيندي رهي ٿي پوءِ جيڪڏهن منجهن اها محبت جي ميخ هوندي تہ هو، ڪنهن بہ قيمت تي وطن جي وقار کي بچائڻ وارو اڳتي ڪنيل قدم پوئتي نہ هٽائيندا ۽ پنهنجي سسيءَ جو نذرانو پيش ڪرڻ بعد شهادت واري پوشاڪ ۾ محبت جي معنيٰ انهيءَ حق تعاليٰ ڪان پڇندا آهن. جنهن ڪين انهيءَ قرباني جي عيوض شهادت جي منصب تي فائز ڪيو هوندو آهي.

سر ڪلياڻ

سوري سڏ ڪري، ايي عاشقن ڪي،
جي اتئي سڏسڪڻ ۾، ڪوءُ مَ پير پري،
سسي ڏار ڏري، پڇج پوءِ پريتڻون. "ڪلياڻ"

اهڙا ارڏا اڏول اهي ٻي سچا عاشق تي سگهن ٿا جيڪي سوريءَ سڏ سٺي سگهن. سوري حقيقت ۾ موت جي ڦاهي هوندي آهي، پر اهي انهيءَ سوريءَ تي چڙهڻ کي وهانءَ واري رات جي سيج برابر سمجهندا آهن ۽ موت کي پنهنجي ونيءَ سان لائون لهڻ سمجهندا آهن. موت جهڙي ايذاءُ رساٽيندڙ دنيا ۾ ٻئي ڪابہ تڪليف نہ هوندي آهي پر وطن جا جان نثار پنهنجي سچن اصولن تي اٽل بيهندي انهيءَ زندگي فنا ٿيڻ واري گهڙيءَ کي سرهي سيج محسوس ڪندي بنا ڪنهن ڊپ جي سر ڏين ٿا ۽ ڪين ڪنهن بہ قسم جو پيو ڪو احساس نٿو ٿئي. هو مرڻ بعد بہ باقي زندهہ انسانن جي نظرن ۾ شهزور شانائتا قابل احترام ليکيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ اهي بدني طرح جدا ٿيو وڃن پر سندن نظر ۽ فڪر سبب تمام زندهہ انسانن جا امام ليکيا وڃن ٿا.

سُر ڪلياڻ

سوري چڙهڻ سيج، ايءُ ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.

اهڙا ماڻهو ارادن جي مضبوطيءَ واري انهيءَ منزل تي پهتل ٿين ٿا. جتان ڪين دنيا جي ڪابہ طاقت يا تڪليف هڪ سوت برابر بہ سوري نہ سگهندي آهي. ڪين جيئن جيئن مقصد کان موڙڻ لاءِ اذيتون پهچايون وينديون آهن، تيئن سندن ارادا وڌ ويڙهي جيان ٿي پوندا آهن.

پنهنجي سچائيءَ جي حصول کي وڪوڙيا ويندا آهن. ڪين جيڪڏهن زهر جو پيالو بہ پياريو وڃي تہ هو نہ صرف اهو پي ويندا پر ان کي ڏسي سندن اندر ۾ اهڙن گهڻن پيالن پيئڻ جو اشتياق وڌي ويندو. ڇاڪاڻ تہ اهي عشق جي انهيءَ حد کي پهتل ٿين ٿا، جتي ڪنهن ڪڙي شيءِ يا جان جي قاتل جي اصليت هنن لاءِ ڪابہ معنيٰ نٿي رکي. ائين ڪٿي ڇئجي تہ هو انهن عقوبتن جا عادي ٿي وڃن ٿا. اهو ان ڪري ٿئي ٿو تہ ڪين جيڪا وطن جي حب جي لنئون لڳل آهي، هو ان ۾ فنايت کي پهتل ٿين ٿا. پوءِ جيڪڏهن انهن تڪليفن دوران ڪين ذهني توڙي جسماني عذاب بہ پهچن ٿا تہ هو اندر جو اندر ئي انهن کي برداشت ڪندي ڪنهن دشمن تہ خير پر سڄڻ سان بہ ان پيڙا جي پيڙ جو زباني بہ ذڪر نٽا ڪين.

عاشق زهر پياڪ، وهہ پسيو وهسن گهڻو،
ڪڙيءِ قاتل جا، هميشہ هيراڪ،
لڳين لنئن لطيف چئي فنا ڪيا فراق،
توٽي چڪن ڇاڪ تہ بہ آهہ نہ سلن عام کي.

اهڙن ماڻهن کي مايوسي يا غم ڪڏهن بہ اوڏو نٿو اچي سگهي، جيڪي پنهنجي زندگي ڪنهن پاڪ مقصد جي حصول خاطر گذارين ٿا ۽ اهي ئي سچ پچ سرها ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جن جو واسطو ٻين جي خوشنودي عزت نفس ۽ آسائش لاءِ پاڻ پتوڙڻ هوندو آهي هو هر لمحي ڪڙهندا رهندا آهن. هونءَ بہ وهندڙ پاڻي ڪڏهن سائو ناهي ٿيندو. ساڳئي طرح هڪ مجاهد جي تلوار جيستائين هلندي ۽ دشمن تي وار ڪندي رهي ٿي تہ متس ڪٽ نٿي چڙهي ڇاڪاڻ تہ جنگ دوران هو هر گهڙي تلوار کي سراڻ تي چاڙهي تکو رکندو اچي ٿو.

سر يمن ڪلياڻ

سرها ڏنم سي، جن ساڃاهہ سراڻ سين،
تيغ تنين جي کي ڪٽ نہ لڳي ڪڏهين.

شهادت جا مشتاق پنهنجون نظرون هميشہ دشمن جي ڪٽڪ طرف ئي کڻندا آهن ڇاڪاڻ تہ هو زندگيءَ کي موت تي ترجيح ڏين ٿا. وطن جي حب ۾ انهن کان زندگي وسري وڃي ٿي. تنهن ڪري هو پنهنجي سر جي قيمت انهيءَ محبت جي مقابلي ۾ حقير کان حقير شيءِ يعني وات جي پڪ برابر سمجهن ٿا.

سر يمن ڪلياڻ

اکيون اوڏاهين ڪٽي، جيڏانهن قاتل ڪُل،
مٿو ڪن نہ مل، پڪ برابر پنهنجو.

پتائيءَ جي خيال موجب جيڪڏهن تون سوپارو ٿيڻ جي تمنا رکين ٿو تہ ناڪاميءَ جا تمام انديشا ذهن ۾ نہ آڻ نہ وري ڪنهن ٻئي جي سات يا مدد ڏانهن نهار تو ۾ جيڪڏهن سچي تڙپ آهي تہ دشمن لاءِ تنهنجو اڪيلو هجڻ بہ وڏي

پربت بچاءِ آهي شينهن اڪيلو هوندي بہ جهنگل جو بادشاهہ هوندو آهي توڙي جو هن جي قدبت کان وڏيڪ قوي جانور بيا بہ هوندا آهن پر هن جي هڪ راڙ ۽ ٻچ جو نڪاءُ پوري جهنگ ۾ هراس پکيڙي ڇڏيندو آهي. تنهن ڪري اڪيلائي يا ڪنهن هٿيار جي اڻ هوند ڪنهن بہ سوڀ لاءِ رڪاوٽون نٿيون ٿي سگهن. تنهنجا خالي هٿ ۽ عضوا تنهنجي سچي عزم جا وڏي ۾ وڏا ساٿي ۽ هٿيار آهن صرف انهن جو صحيح استعمال توکي ڪرڻ اچي تہ اهي دشمن جي پالن بڙڇين کي مات ڏئي ڇڏيندا ۽ اها سوڀ تنهنجي ضمير جي فتح ليکي ويندي.

سر ڪيڏارو

سورهيہ مرين سوڀ کي تہ دل جا وهم وسار،
هڻ پالا وڙهہ پاڪرين آڏي ڍال م ڍال،
مٿان تيغ ترار، مار تہ مٿارو ٿئين. "ڪيڏارو"

شاهہ سائين ديس واسين کي جهاد جي ترغيب ڏيندي فرمائي ٿو تہ وطن مٿان سر قربان ڪري مجاهدن جي صف ۾ شامل ٿي وڃو. توهان کي جنگ جي هر فن ۽ هٿيار هلائڻ جي ڄاڻ هجڻ گهرجي جيئن وقت اچڻ تي دشمن مٿان بي جگريءَ سان حملو ڪري سگهو. ڪرٽ، ڪاتيون، ڪهاڙا، خنجر دشمن جي ڪاپار ۾ هٽي ڪيس نيسيت نابود بڻائي وجهو. انهيءَ دوران جيڪڏهن توهان مري بہ پئو تہ پرواهہ ناهي ڇاڪاڻ تہ موت اٽل آهي ۽ اهو ڪنهن بہ وقت ۽ ڪٿي بہ ڪهڙي بہ حالت ۾ اچي سگهي ٿو. تنهن ڪري موت کان ڊڄي يا منهن موڙي دشمن اڳيان پيش پوڻ کان بهتر آهي تہ ميدان تي سر ڏجي ۽ وطن جي آبرو بچائيندي موت جي آغوش ۾ وڃڻ وڏي سورهيائي آهي.

سُر يمن ڪلياڻ

سَر ڏئي سٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلاڙلن سين،
ڪاتي ڪَرت، ڪپار ۾، خنجر آٽي ڪوڙ،
مرٽا منهن م موڙ، وتي تي وڍ لهي.

وطن جي حب ايمان آهي. تنهن ڪري ان جي آزادي ۽ بقا لاءِ سندرو ٻڌي دشمن جي مقابلي ۾ ڪڏ ڪري لهي پئہ ۽ انهيءَ دوران جن سان تون يا جيڪي توسان لاڳاپيل آهن، انهن کي پنهنجي خواب ۽ خيال منجهان ئي ڪڍي ڇڏ. ڇاڪاڻ تہ عيال جي جوابداري تنهنجي نيڪ مقصد ۾ آڙ ٿي سگهي ٿي، پر تو کي پنهنجي نيڪ ارادن لاءِ اهي سڀ رشتا ناتا ساهہ جون ستون ڇڏڻيون پونديون ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ قسم جو عشق نانگ برابر ٿئي ٿو ۽ نانگ ڪنهن بہ جيو جو سڄڻ ڪونہ هوندو آهي. هن جي سامهون جا بہ شيءِ ايندي ان کي ڏنگ هڻي ڪيندو ۽ سندس ڏنگ جي اثر ۽ سور جي انهيءَ کي ئي ڄاڻ هوندي جنهن کي هن ڏنگيو يا ڪاڏو هوندو.

سُر يمن ڪلياڻ

محبت جي ميدان ۾ ڪڏي پوءِ ڪاهي،
ڇڏ اسانگا ارواح جا لاهوتي لاهي،
عشق نانگ آهي خبر ڪاڏن کي پوي. "يمن ڪلياڻ"

ڪنهن بہ مقصد جي حصول خاطر جدوجهد ڪئي وڃي ٿي پر شاهہ سائينءَ جو

چوڻ آهي تہ صرف زباني جمع خرچي يا ظاهري ڪنهن سان انس جي لباڙ سان گڏ مڙئي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ ۽ ان کي وڏي واڪ وڏو ڪارنامو ڪري بيان ڪرڻ پنهنجي ئي ضمير سان دوکو ٿئي ٿو. تنهن ڪري جيڪڏهن کو پاڻ کي ڪنهن تي ارپيل سمجهي ٿو تہ ان کي ارادن ۾ ايترو تہ اٽل هجڻ گهرجي جو هو نفيس جان هوندي بہ جيڪڏهن ہرندڙ مچ ۾ ٽپو ڏئي تہ مچ بہ وسامي وڃي. اهڙو تيز مچ جنهن ۾ پهڻ بہ پاڻي ٿيو وڃن پر تنهنجي حڪمت عملي ۽ جرئت اهڙي هئڻ گهرجي جو ٻين شين کي پچائيندڙ مچ باهہ مان بدلجي گلن جو بسترو ٿي پوي ۽ اهو عمل توکي اهڙي تہ خبرداريءَ سان ڪرڻو آهي جو جيئن ڪنهن بني بشر کي ڪنوڪن خبر بہ نہ پوي ڇاڪاڻ تہ ائين نہ ٿئي تہ تنهنجي عمل کان اڳ ڪوئي ٻيو تو کان اڳ ڪڙي وڃي.

سُر يمن ڪلياڻ

پتنگ چائين پاڻ کي، تہ اچي آڳ اجهاءِ،
پچڻ جي پچائيا تون پچڻ کي بہ پچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي. "يمن ڪلياڻ"

سهڻي لطيف جو چوڻ آهي تہ ڪنهن بہ عملي ليکي چوکي کان سواءِ ڪاميابي يا فائدي جي اميد رکڻ ٺلهين سڌن جيان ٿئي ٿو تنهن ڪري مطلب ماڻڻ لاءِ ڪشالا ڪڍڻ ضروري آهن ۽ ائين ڪرڻ سان حاصل ٿيل مراد جو قدر ۽ قيمت بہ وڌيو وڃي باقي هڪ هنڌ گهر ويهي ڪنهن لاءِ لڙڪ وهائڻ يا مٿس سر گهورڻ سچي چاهت جي بلڪل ابتڙ ٿئي ٿو. ان لاءِ شاهہ سائين جو چوڻ آهي تہ:

سُر سسئي آبري

ڏونگر نہ ڏوري، سڪڻ جون سڌون ڪري،
ويٺي گهرِ گهوري مٿان پرين جندڙو. "سسئي آبري"

اي انسان تون پاڻ کي ڪمزور سمجهڻ ڇڏي ڏي ۽ جيڪا تون سچي تمنا رکين ٿو، ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات اٿندي ويهندي ڪوشش ڪندو رهہ ۽ ان ۾ ايتري حدتائين پوري سچائيءَ سان گم ٿي وڃ جو توکي پنهنجي وجود جي بہ خبر نہ پوي ۽ پنهنجي من جي آنڌ ماند جي مدد سان جيڪا تنهنجي وجود ۾ ڪمزورين جي باهہ ٻرندڙ آهي اها وسامي پاڻي ٿيڻجي پوي.

سُر رام ڪلي

نسو روئي نينهن جو، دل ۾ دود دکاءِ،
آٿي آڳ عشق جي، ٻاري جان جلاءِ،
جنذان تون جاڳاءِ، جنهن سين آتش آب ٿئي.

پنهنجي اصليت ڏانهن نظر ڊوڙاءِ ۽ ڏس تہ تون ڪيترو سچو آهين منهنجي خيال ۾ توکي ڪافر بہ نٿو چئي سگهجي ڇاڪاڻ تہ سچائيءَ سان تہ تون ٻنهہ سچو نہ آهين پر پوري طرح ڪافر بہ ڪونہ آهين، تنهنجي دنيا ۾ خلقت سچي جي روپ ۾ ٿئي هئي، تنهن ڪري توکي اهي فرقيواريت وارا جٿيا يا ڪنٺا لهائون بہ نہ پائڻ جڳائن ۽ ائين ڪري تون پنهنجي سچ واري حيثيت کي بہ داغدار بڻايو آهي، جنهن جو توکي ڪوبہ حق نٿو پهچي. اهو داغ يا تلڪ انهن کي ئي سونهين ٿو جيڪي خدا سان ڪنهن ٻئي گهٽ طاقت کي شريڪ ڪن ٿا.

سُر آسا

کوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوئاءِ،
هندو هڏ نہ آهئين، جٺيو تو نہ جڳاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

اي دوستو توهان جي ديد کي ڇا ٿي ويو آهي، جو اکين هوندي سڄڻ دشمن جي سڃاڻ نٿا ڪري سگهو ڪن هوندي توهان تي ڪنهن مظلوم جي فرياد جو آواز بہ نٿو پوي. هر طرف افراتفري جو دور، ڀاءُ ڀاءُ جو ڳلو وڍيندڙ آهي جن هٿن کي هڪ ٻئي جو واهرو ٿيڻ گهرجي اهي پنهنجن کي ئي قري ۽ اغوا ڪري وڏا ڀنگ وٺندڙ آهن، پر پوءِ بہ توهان جي غيرت ستل آهي توهين ڏسو نٿا تہ درياهہ ڪڙن ڪان نڪري ٻاهرين بند جي چوٽيءَ کي ڇهي وهندڙ آهي، سندس تيز وهڪري ۽ پاڻيءَ جا ڪن ور ور ڪري بند کي لامارا ڏيندڙ آهن، مگر پوءِ بہ توهان تي اگهور ننڊ جو غلبو آهي. ڇا ڏني ڪني وهندڙ واهڙ تي هلندڙ ٻيڙيءَ جي ملاح کي ايڏي بي خبري واري ننڊ ڪرڻ سونهين ٿي.

سُر سري راڳ

بند رجان ڀڃي، سڪاڻيا مَ سمهو،
ڪپر تو ڪن ڪري، جتن ماتي منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناکئا. "سري راڳ"

تون اهڙي خاندان جو فرد آهين، جنهن جي جرئت ۽ عقلمندي جا داستان تاريخ جي سونهن آهن. پر پوءِ بہ تون ايڏي پستي ۽ ڪاهليءَ جو شڪار ڇو آهين. ڪڏهن آڏيءَ رات جو اٿي ان جي ڪارڻ تي سوچيو تي پلا تون سوچين بہ ڪٿين تنهنجي چرپر تہ ٺهيو پر سوچ کي سڃاڳ ڪندڙ تعليم تي بہ پهرا ويهاريل آهن، تنهنجي چئوڦير نڳن جو ٽولو آهي، جيڪي پنهنجي پڳداري برقرار رکڻ خاطر تنهنجي ڪلهي تي پنهنجي بندوق هلائڻ جي عيوض توکي سدائين جهالت جي مٺي پياريندا رهن ٿا ۽ توکي بہ ان مان اهڙو تہ سرور اچي ويو آهي جو انهن ساقين جي زهر کي آب حيات سمجهندي بنا اکين کولڻ جي جام جي مٿان جام اوتيندو رهين ٿو. پر هاڻي توکي بدلجڻو پوندو. ۽ اهڙو سياءُ اختيار ڪرڻو پوندو جو جن نڳن اڄ تائين توکي ۽ تنهنجي همعصرن کي نڳيو آهي. تون انهن نڳن کي بہ نڳي وڃي ائين ڪرڻ سان تنهنجي اصلي عزت ۽ وقار کي چار چنڊ لڳي ويندا.

سُر رام ڪلي

نڳن گهڻان نڳائيا، تون نڳن کي نڳاءِ،
آٿي آڏيءَ رات کي، پنهنجو تن پچاءِ،
لاهوتي مَ لڄاءِ، نانگا تون ناموس کي.

تو کي مليل زندگي تمام ننڍڙي آهي جنهن ۾ توکي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. تنهنجو هر عمل وطن ۽ ويڙهيچن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ هئڻ گهرجي. ظاهري طرح هن انسانن جي بحر ۾ تنهنجي سمجهہ اڪثريت جي افعالن طرف ئي راغب رهندي ۽ دنياوي فرحتن جي ڪشش شيطاني شغلن ۾ شامل ٿيڻ جي ئي ترغيب ڏيندي. پر توکي عقل جو پهڳ هٿان نہ ڇڏڻو آهي پر خدا نہ ڪري جيڪڏهن عقل

جي ياري تون نيائڻ ۾ ڪوتاهي ڪري وڃي تہ ان جي عيوض جيڪو توکي ڇيهو رسندو تنهن جو ازالو هت تہ ممڪن ئي ڪونهي پر آئيندي جي ابدي زندگي ۾ بہ تو لاءِ ندامت ئي نصيب بڻبي تنهنڪري پنهنجي اصليت ڏانهن نهار تہ تنهنجي اصل هستي ڇا آهي.

سر سري راڳ

جر ۾ ڦوٽو جئن، لهريون لڳندي اڏ ٽئي،
تون پڻ آهي تئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

مون پنهنجي ڪين جهڙي مطالعي جي آڌار تي شاهہ سائينءَ جي سرن جي روشني ۾ جيترو لکي سگهيو آهيان، اهو اوهان اڳيان پيش ڪيم. پڻائيءَ جي منزل کي رسڻ يا سندس ڏسيل رمزن کي پوري طرح پروڙڻ ڪنهن مهان صاحب عقل جو ڪم ٿي سگهي ٿو پر مون تہ رڳو سندن سونهاري رسالي مان چند موتي جيڪي ميڙي سگهيس اها ئي مون لاءِ وڏي سعادت آهي آخر ۾ آءُ سندن هي شعر اوهان اڳيان پيش ڪندس.

سُر آسا

تن تسبيح من مڻيو دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن،
وحده لاشريڪ لہ، اهو راڳ رڳن،
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت ان جي.

# شاهہ مبلغ جي حيثيت ۾

لاکيٽي لطيف تي قلمر کڻڻ پاڻ کي ڪنهن وڏي امتحان منجهان گذارڻ کان پنهنجو پاڻ کي پل صراط تان پار ڪرڻ کان رتي پر بہ گهٽ ڪونہ آهي. پر اهو ماڻهو ئي کهڙو جيڪو بنا ڪنهن آزمائش جي پار پوڻ جي سڌ ڪندو هجي. شاهہ سائين جي زندگي گهڻ پاسائين آهي ۽ سندس هر پاسو ايترو تہ ڪشادو آهي جو سندس وسعت کي پهچڻ لاءِ جيڪڏهن انسان کي پر بہ لڳي وڃن ۽ هو اڏامر ڪري سندس رخ جي ويڪر جو پرو لڳائڻ جي ڪوشش ڪري تہ ڪيس لڱل پڪ ڪيترائي دفعا ڪسي وري چمن ۽ اهو عمل ور ور ورجائبو رهي پوءِ بہ شاهہ سائين جي هڪڙي پاسي جي پري لهڻ جي بہ سعادت حاصل نہ ڪري سگهبي. اسان جا ڪيترائي عقل جا اڪابر شاهہ تي لکندي ابد طرف ڪوچ ڪري ويا، پر ڪنهن هڪ بہ آئين ڪونہ لکيو تہ سائين جي فڪر واري مشروب جو ڦلاٽو ڪي ڦلاٽو ذائقو هو. يعني اهي سندس شاعريءَ جي ذائقي کي بہ پوري طرح پروڙي نہ سگهيا. آءٌ تہ هڪ طفل مڪتب آهيان مڙئي مهربانن جي ڏڍ ۽ انهيءَ اميد تي رنڊا روڙيندو رهان ٿو تہ شايد اهي عقيدت جا گل ٻڌجي مان مرياد اماڻن. سهڻي لطيف کي مون هتي هڪ مبلغ جي صورت ۾ ڏٺو آهي، ڪيس ٻين جي اصلاح واسطي تہ گهڻو ئي پاڻ پتوڙيندي ڏٺو ويو آهي. پر ان سان گڏ سندن شخصي فلاح تي پڻ توجهہ مرڪوز ٿيل نظر اچي ٿي. سندن چوڻ آهي تہ: ”پنهنجي هر ڏينهن جو آغاز خدا برتر جي بابرڪت نالي، ثنا ۽ سندس موڪليل ڪتاب جي ديدار سان ڪرڻ ۾ ئي انسان جي بهتري آهي. آڪيون جيڪي ٻين تمام عضون جي رهنمائي ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪنديون اهن. اهي جڏهن ننڊ کان پوءِ کلن تہ دنيا جي ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ کان اڳ پنهنجي مالڪ حقيقي جي متبرڪ گهر ۽ سندس پاڪ ڪلام جي ديدار کي اوليت ڏين، جيئن تہ جسم جي سڀني عضون کان اکين کي وڌيڪ پيارو سمجهيو وڃي ٿو، پر اهي جيڪڏهن سج اڀرڻ سان دلبر جي ديدار کان محروم رهجي ٿيون وڃن تہ اهڙين اکين کي ڪانون جو ڪاج ٻڌائڻ کان بہ پرهيز نہ ڪئي وڃي.“

ايرندي ئي سج، پرين جي نہ پسنديون،
ڪدي ٻئي ڏج اکڙيون ڪانگن کي.

(آسا)

هن قدرت جي ڪارخاني تي نظر ڊوڙائڻ سان هر شئي ۾ مالڪ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جنهن لاءِ صوفياء ڪرام جو چوڻ آهي تہ ڪائنات جو مالڪ پنهنجي ئي شخصيت ڏسندڙ آهي، يعني حبيب بہ خود آهي تہ محبوب بہ پاڻ آهي. هن جيڪي ڪجهہ ناهيو آهي يا ناهيندڙ آهي اهو تمام سڻي کان بہ گهڻو سٺو آهي. وري ان جو طالب بہ خود آهي تہ مطلوب بہ پاڻ ئي آهي.

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.

(ڪلياڻ)

ان ڳالهہ جي شاهدي قرآن پاڪ ۾ موجود آهي تہ جيڪو مون کي ياد ڪري ٿو، آءٌ ان کي ياد ڪريان ٿو. تنهنڪري اسان کي صرف ايترو ڪرڻو آهي تہ پنهنجي پالڻهار جي موجودگي تي ايمان رکون ۽ جيڪڏهن اسان ۾ اهڙو يقين ڪامل اچي وڃي تہ اسين زندگي سان جيڪو دنوي لذتن واسطي پيار ڪندي ڪيس پنهنجي لاءِ

سڀ ڪجهہ سمجهندڙ آهيون، اهو هڪ بار محسوس ٿيڻ لڳي. ڇاڪاڻ تہ مالڪ جي موجودگي عشق جي آخري منزل ٻڌجيو پوي ٿي. جڏهن عشق جي ايڏي وڏي منزل ڪنهن کي حاصل ٿي وڃي تہ هو ڪنهن بہ عارضي سهاري کي بار محسوس ڪرڻ لڳي ٿو.

پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار،
ترهو تنهين بار، عشق جنين کي آڪرو.

(سهڻي)

هيءُ جسم ۽ منجهس پيل زندگي اسان کي بي مقصد مليل ناهي. ڳالهہ آهي مقصد کي سمجهڻ جي جيڪڏهن اسان جو مقصد دنوي آسائشون ماڻڻ پنهنجي نسل جو واڌارو ڪرڻ آهي تہ ان کان بہ جائز طرح منع ٿيل ڪونهي. پر ان سان گڏ انهيءَ محسن کي بہ ياد ڪرڻو آهي جنهن اسان کي پاڻي ۽ رت جي ڏڦ منجهان هن روپ ۾ آڻي ڌرتيءَ پيڙو ڪيو. سندس ياد ڪرڻ جو طريقو نہ صرف اسان کي ٻڌايل آهي پر روزانو ڪيترائي دفعا پريڪٽيڪل نمونو اسان جي اڳيان ٿيندو رهي ٿو. جنهن جو مکيہ قسم نماز آهي. جنهن کي خوب کان خوب تر نموني ادا ڪرڻ جو حڪم آهي. ۽ منجهس خوف خدا جو جز شامل هجڻ لازمي آهي، باقي ڏيکاءُ واري عبادت مالڪ وٽ بہ قبوليت لائق ڪونهي. اهڙي الله سان ٺرڪ بازي ڪندڙن لاءِ شاهہ سائين جو چوڻ آهي تہ :

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٿان ڏوهہ چڙهن، جئين ورق وراڻن وترا.

(يمن ڪلياڻ)

جان جان پسن پاڻ کي تان تان ناهہ سجود،
وڃائي وجود تهان پوءِ تڪبير چوءُ.

(آسا)

اهڙا ماڻهو جيڪي دولت جي حصول ۾ مختلف روپ سجائي عام ماڻهن اڳيان پاڻ کي پهتل شخص ظاهر ڪري پنهنجا پيٽ وڌائي ڇڏن ٿا، يعني جنهن جو جيترو وڏو پيٽ اهو اوترو وڏو بزرگ. اهڙي طرح ڪنهن کي وري گهٽا ڪنٽا يا ڳانا پاتل هجن تہ اهو ٻين جي قسمت سنوارڻ جي هام هڻندڙ ٿئي ٿو، اهڙي قسم جي ماڻهن جون صورتون ظاهري ڪيتريون ئي اڇيون اجريون ڇونہ هجن. پل ڏسندڙن کي سندن منهن تي ثقيل گهٽي تيل سبب نور جي چمڪ جو گمان بہ ڇو نہ ٿيندو هجي. اهي ظاهري موسيٰ عليہ سلام جهڙا بہ لڳندا هجن. پر سندن عادتون ابليس جهڙيون هجڻ ڪري مالڪ حقيقي جي قرب کان ڪوهين پري هوندا آهن.

گولا جي گراهہ جا، جونا سي جوڳي،
قتل سي قوڳي، جن شڪم ساندياٽ.

(رام ڪلي)

منهن تہ آهيريان ئي اجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻهران زيب زبان سين، دل ۾ هچارو،
ان پر ويچارو، ويجهو ناهہ وصال سين.

(آسا)

منهن تي موسيٰ جهڙو، عادت ۾ ابليس،
اهڙو خام جنيث، ڪڏي ڪوهہ نہ ڇڏين.

(آسا)

حق ۽ باطل ۾ ويڙهه جاري آهي پوءِ ظاهر ڪٿي باطل ڳرو رهندو اچي ٿو. پر تڏهن به ڪيس ڪو حق سڏڻ لاءِ تيار ڪونهي. اها جنگ قيامت تائين قائم رهندي. حق جو علم ڪالهه به بلند هو. اڄ به آهي ۽ سڀان به رهندو. ڪٿي آهن اهي جن نعوذ بالله حضور ﷺ کي جادوگر ۽ ڪوڙ ڳالهائيندڙ ٿي سڏيو. ڪٿي آهن اهي 360 بت، جن جو ڪعبي ۾ قبضو هو. ڪٿي آهي اهو يزيد ۽ سندس حواري جن حسين رضه جي لڳايل نعرن "الله اڪبر" کي للڪاريو هو. اهي سڀ جو سڀ فنا ٿي ويا. الله جو نالو اصل کان بلند آهي ۽ بلند رهندو ۽ سندس بلنديءَ جو پرچار ڪندڙ قيامت تائين هر حق سچ چوڻ وارن سپاهين جا رهبر ۽ راهنما ٿي رهندا.

ان حقيقت جو احوال شاهه سائين هن طرح بيان ڪري ٿو.

قريا پسي قيڻ، ڪرين ڪير نه چڪيو،
دنيا ڪارڻ ڏين، وڃائي ولها ٿيا.

(ڏهر)

شاهه سائين اسان کي ائين به سمجهائي ٿو ته اسان جي چرپر ڪهڙي نموني جي هجڻ گهرجي. اسان کي انهن سرفروشن جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي جن جا سر ڌڙن کان جدا ڪري سندن ماس جا ٽڪر ديڳ حوالي ڪيا ويا. پر پوءِ به سندن مالڪ جي قربت ۾ ڪا ڪمي ڪونه آئي. بيشڪ ان کي مرڪڻ ۽ ڳالهائڻ جو حق آهي. اهي مالڪ کي ايترو ته ريجها تي چڪا آهن، جو هر حال جي ڳالهه سندن حوالي آهي اهڙن دلبرن لاءِ ڪنهن عقيدتمند جو چوڻ آهي ته اهڙن مرد مؤمن جي هڪ ڪرم جي نظر سان اجڙيل تقديرون به بدلجي وڃن ٿيون. اهڙا شخص سر جوسانگهو لاهي هر تڪليف کي برداشت ڪري وڃڻ جي سگهه رکندڙ آهن ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن ٿئي ٿو جڏهن سندن مان واري ڪيفيت حقيقت پسندي واري رڪ ۾ سمائجي وڃي ٿي.

اڃو ته شاهه کان ٻڌون ته هو ڇا ٿو فرمائي:

سر جدا ڌڙ ڌار، ڌوڳ جنين جا ديڳ ۾،
سي مرڪن پچار، حاضر جن جي هٿ ۾.

(ڪلياڻ)

سر سانداڻ ڪري پيچ گهر لوهار جو،
ڌڪن هيٺ ڌري، مان ڪڍينئي رڪ سين.

(يمن ڪلياڻ)

عاشقن جي امتحانن تي جڏهن نظر پوي ٿي ته پاڻ کي پاتال ۾ پيل محسوس ڪجي ٿو. ڇاڪاڻ ته دنوي ڏنڌن ايترو ته رجهائي رکيو آهي جو آخرت ڄڻ وسري چڪي هجي يعني جيئن هڪ صاف چولو جيڪو گهڻو وقت پائڻ ڪري ۽ ڪيس نه ڌوئڻ سبب ميرو ٿي چڪو هجي ۽ اهڙي حالت ۾ ان محبوب جو سڏ ٿئي جنهن جي محفل ۾ ڪوجهو ٿي وڃڻ نه صرف وڃڻ واري جي گهٽتائي آهي پر ان محبوب جي محفل جي گستاخي ڪرڻ مثل آهي.

ان جو اظهار شاهه سائين مارئي جي لفظن ۾ هن ريت ڪري آهي.

سونهه وڃاير سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ريءَ.

(مارئي)

اي انسان توکي خدا طرفان عقل جي دولت مليل آهي جنهن کي صحيح نموني خرچ ڪرڻ جو توکي حق آهي. تنهنڪري دنوي ڪاڪ محل جي حرفتن ڏانهن

توجهہ ڪرڻ بجاءِ حق سچ جي راهہ وٺي هلندو رهہ تہ توکي منزل ملي ويندي ۽ انهيءَ عمل ۾ توکي ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ تہ جيڪا پهاڙ جيڏي زندگي توکي نظر ايندڙ آهي، ان جي فنا ٿيڻ جو وقت ضرور مقرر آهي، پر ان بابت توکي ڪابہ ڄاڻ ڪونهي اها ڪهڙي ڏينهن ڪهڙي وقت تي ختم ٿيندي.

ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين، وٺيو وڃج راهہ،
اچ ڪِ سنجهہ صباح نئين ڏريندءِ ڏوڙ ۾. "مومل راڻو"

# شاهہ عاشق جي روپ ۾

سهڻي لطيف جي شاعري انسان ذات جي هر پهلوءَ تي پکڙيل آهي. جنهن ڪري ڪيس جنهن طرف کان بہ ڏسبو تہ صاحب سامهون ئي هوندو. شاهہ سائين جتي نهٺائي ۽ نوڙت واري ڳالهہ ڪئي آهي تہ اتي شجاعت واري شان کي بہ اتم رکيو آهي. هن جيڪڏهن عجز جو سبق ڏنو آهي تہ دشمن سان اڪين ۾ اکيون وجهي ساٿس مهاڏو اٽڪائڻ کان منع بہ ڪونہ ڪئي آهي. ڪمزور جي مدد ڪرڻ ۽ ارڏي جي هٺ کي گوگهو ڏيئي گهٽڻ لاءِ اڀاريو آهي. شرافت جي شان ۾ رهندي ذلت جي زهريلي تيز تير کي سر جي تيليءَ کان بہ ڪمتر ڪونيو آهي.

سندس شاعري جي گلشن ۾ اهڙو ڪوبہ گل نہ ملندو جيڪو خوشبوءَ کان خالي هجي ۽ مزي جي وري اها ڳالهہ آهي تہ سندس بوستان جي هر گل جي سرهاڻ ائين جدا آهي جئين خدا جون خلقيل ڪروڙين شڪليون هڪبجهڙيون ڪونہ آهن. پيءُ پٽ جهڙو ڪونهي. تہ ماءُ ڌيءَ جي هر شڪل ڪونهي. پر جيڪڏهن ڪي جهہ صورتون ڪٿي مشابهت رکندڙ بہ هجن تہ سندن سيرتون ڪڏهن ملندڙ نہ هونديون. پر جي اهي بہ ڪنهن حدتائين هڪجهڙائيءَ واريون هجن تہ سندن طبعيت ۾ تضاد ضرور هوندو. مگر لطيف جا لجادار گل اڪيچار هوندي بہ هڪبئي کان نيارا ڪونہ آهن. سندن رشتو روحانيت جي پوتر ڌاڳي ۾ هڪ مالها مثل مڙهيل اهي. تنهنڪري جنهن بہ گل کي ڇهندا سون تہ گوهر بي بها مثل محسوس تيندو. اها رڳو منهنجي ادراڪ جي ڳالهہ ڪونهي پر منهنجي استادن جي استاد پر انهن جي استادن جي پروڙ جي پڌرائي آهي. لطيف جي شاعريءَ جي باڪمال هجڻ جو ڪمال اهوئي ڪافي آهي تہ ڪيس انگريز شاعرن بہ سند جو شيڪسپيئر سڏيو آهي، جيڪو انگريز ذهنيت لاءِ تہ قبوليت جوڳو تئي سگهي تو. پر پنهنجا سنڌي سڀاجهڙا لطيف جي جوڙ جهڙو ڪنهن کي سمجهڻ پنهنجي قرب جي ڪوتاهي سمجهن ٿا. پوءِ اها سندن عقيدت آهي يا سائين سان سعادت جي ميجتا. شاهہ سائين جي گهڻ رخي پهلوئن جي نشاندهي ڪرڻ تہ ڪن مهان اديبن ڪي ئي سونهي تي ڪن ڪيس فقير چيو آهي ڪن ڪيس عشاق ڪونيو آهي، ڪن جو خيال آهي تہ شاهہ سهڻي هو. ڪي ڪيس سسئي چون ٿا تہ ڪن کي مارئي نظر اچي ٿو. مومل راڻو، ليلان چنيسر، نوري ڄام تماچي، ٻيجل راءِ ڏياچ، مطلب تہ جنهن نظر ڪيس جنهن روءِ جي روپ ۾ پرکيو تنهن ڪيس اهوئي سمجهيو. آءٌ پنهنجي پوري پني سمجهہ مطابق شاهہ سائين کي عاشق سمجهان ٿو ۽ سندس ئي ڪجهہ شعرن جي حوالي سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. پوءِ ان ۾ ڪيتري ڪاميابي پلئہ پوي ٿي. اهو وقت تي ڇڏيل آهي. ڪنهن دنوي حسين جي نظر جو شڪار ٿي ڪيترائي عاشق ذهني توازن وڃائي ويهن ٿا. پوءِ ڪي شڪايت ڪندي ائين بہ ٻڌا ويا آهن تہ اسان جهڙا تہ الائي ڪيترا حسن وارن تي حيران هوندا. محبوب جي اها ميجتا جي حد آهي تہ هن جا پير جنهن متيءَ تي پون ٿا اها بہ آملهہ ٿيو پوي جنهن ڪري ڪيس جيڪڏهن اڪين پاتو وجي تہ اها دنوي سرمن کان بہ سرس ٿئي ٿي ان لاءِ لطيف چيو آهي تہ:

يــار ســڄڻ جي فــراق ڙي، جيــڏيــون آءٌ مــاري،

در دوستن جي ڪيئين جو هوندا مون جيها مشتاق،
جاتي ڪاتي محبوبن جي، آهه حسن جي هاڪ،
سر مون سهي اڪين جو، خاص پريان جي خاڪ،
عبداللطيف چئي، پرين اسان جو هميشه آ خسناڪ.

عاشقن جا اصول به دنيا وارن کان تمام گهڻو مختلف هوندا آهن. تنهن ڪري جنهن شخص کي پنهنجي عاشقي پرکڻي هجي ته هن طرح پرکي سگهي ٿو. پهرين ڳالهه ته هن کي جيڪي ماڻهو ڪجهه نه چون، انهن کي هي به ڪجهه نه چوي پر جيڪڏهن ڪوئي ڪيس هرويرو يا چيڙائڻ خاطر برو ڀلو چوي ته هو انهيءَ جون چيل ڳالهيون پٺيءَ اڇلائي وساري ڇڏي. پنهنجو سمورو وقت ادب ۾ گهاريندي رڳو پنهنجي پرينءَ کي ياد ڪندو رهي. دنيا وارن جي ديد کان بچندي پنهنجو منهن گوڏن ۾ لڪائي غريبيءَ واري گذر سفر ۾ گهاريندو رهي ۽ اهڙي طرح پنهنجي ضمير سان جنگ جوٽيندي پنهنجي ڪوتاهين جو ازالو خود ئي ڪندو رهي ته ڪيس ڪنهن قضا جي صاحب جو ڪانيارو ئي ڪونه ٽيٽو پوندو.

ان ڏس ۾ لطيف جو چوڻ آهي ته

اڻ چوندن م چوءِ، چوندن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين، پر اهائي پار،
پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي منجهه وهار، ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٽئين. "يمن ڪلياڻ"

عاشق پنهنجون تمام خواهشون محبوب مٿان قربان ڪري ڇڏيندا آهن. سندن زندگي پنهنجي هوندي به محبوب وٽ گروي رکيل هوندي اٿن. تنهن ڪري خدا نه ڪري جيڪڏهن محبوب عاشق کي قتل ڪرڻ جو به ارادو ڪري ته عاشق بنا ڪنهن چون چرا جي سندس سامهون ڪنڌ جهڪائي ڇڏي. پوءِ جيڪڏهن محبوب ظالم بڻجي ڪيس تڪليف پهچائي ته عاشق پنهنجو منهن محبوب جي سامهون جهلي بيهي ۽ هن طرفان لڳندڙ ڌڪ پنهنجي پيشانيءَ تي جهليندو رهي ۽ اهڙي عمل ڪرڻ وارو جيڪو محبوب جي هر ادا سهي ٿو ۽ ڪيس پٺي به نٿو ڏئي اهوئي سچو عاشق ليکيو وڃي ٿو ان لاءِ سائين جو چوڻ آهي ته:

جي هو پائن ڪان ڪمان ۾، ته سينو سپر ڏيج،
منهن ۾ معشوقن جا، جهالو تي جهليج،
پاهان پگ مَ ڏيج، عاشق تي ته ايهين. "يمن ملياڻ"

عاشق لاءِ ائين به چيو وڃي ٿو ته هو ڏندو مشتندو. يعني ٿلهو متارو ڪونه هوندو آهي ڇاڪاڻ ته دلبر جي فراق ۾ ماس ته ڇا پر رت به سڪيو وڃي ٿو ڪنهن رنل محبوب کي پرچائڻ لاءِ هڪ عاشق هزارين جتن ڪري ٿو محبوب جي ڌڪارڻ جي باوجود هر هر سندس در وڃي دانهون ڪري روئي ڪيس پرچائڻ جي ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ هن جي دلي مجبوري هوندي آهي. هو ان محبوب کان سواءِ ٻئي طرف واجهائي به ڪين سگهندو آهي. ان ڳالهه جو ثبوت ڏيندي شاهه سائين فرمائي ٿو:

عاشق ائين نہ هون، جيئن تون سڄي آڳرين،
وڃي در دوســـتن جي، رت ڏھـــاڙــــي رون،
ٻي پر ڪنهين نہ پون، ماڪُرِ محبوبن سين. "يمن ڪلياڻ"

عشق ڪرڻ وارا ڪڏهن بہ سر جو سانگو ڪونہ ڪندا آهن، جنهن ڪري اهي سوريءَ کي سيج تي ترجيح ڏيندي قربان ٿيو وڃن. عشق عاشقن جو ازل کان دشمن آهي ۽ ويري ڪنهن سان رعايت ڪري اها اڻٺيٺي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ نانگ جهوليءَ ۾ وجهي سر بچڻ جي خاطري ڪرڻ ڀاڻ کي دوکي ڏيڻ برابر ٿئي ٿو، پر عاشق اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي واڻي بہ عشق کي سيني لائن ٿا. ان جي اصل حقيقت ڇا آهي. اها انهن کي ئي خبر هوندي. ڇاڪاڻ تہ نانگ جي ڏنگ جي خبر بہ ان کي ئي صحيح طرح هوندي جيڪو ان کان ڪکيو هوندو. ان باري ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪر مَ سانگ،
سوريءَ سڀرين جي، چڙهہ تہ ٿيئن چانگ،
عشق آهي نانگ خبر ڪاڏن کي پوي. "يمن ڪلياڻ"

عاشقن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ هڪ سڪ ٻيو سوري جيئن تہ ٻئي اکرس سان شروع ٿين ٿا، تنهن ڪري سندن اصليت هڪ جهڙي ٿئي ٿي. سڪ بہ ساهہ نڪرڻ کان اڳ ڪڏهن بہ پوري نٿي ٿي ۽ سوري تان بہ جسم کي تڏهن لاٿو وڃي ٿو، جڏهن سرير منجهان ساهہ نڪري وڃي ٿو. سچي سڪ وارا انهن ٻنهي جي ڳولا ۾ مختلف واٽن تي ويهندا رهن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هنن جي خيال ۾ ائين ڪرڻ سان ئي منزل ملڻ جي پڪ هوندي آهي. سڪ ۽ سوريءَ جا مشتاق سواءِ جان ڏيڻ جي پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهندا آهن ۽ هوئن بہ اصولن انهن ٻنهي جي انتها جان ڏيڻ بغير ڪونہ ٿيندي آهي. ان لاءِ سهڻي لطيف جو چوڻ آهي تہ:

سڪڻ ۽ سوري ٻئي اکر هيڪڙي،
وهڻ واٽڙين تي، ڪارڻ جن ضروري،
ٻنهي جي پوري، جيءَ ڏني ريءَ نہ جڙي. "يمن ڪلياڻ"

هن مٿين روئداد جي روشنيءَ ۾ شاهہ سائين کي عشق جي ڪهڙي منزل تي پائين سگهجي ٿو، هو ڪيترو ۽ ڪهڙي قسم جو عاشق هو. سندس عشق ۽ عاشقي جي پيٽ پراڻي زماني کان اڄوڪي دور جي عاشقن جي جستجوءَ سان جيڪڏهن ڪئي وڃي تہ سائين جي مقابلي ۾ مون کي تہ سموري جا سمورا اڇا بانبڙا پائيندڙ ٻار ئي نظر اچن ٿا. سائين جي منزل کي رسڻ لاءِ اڃا ڪيترين ئي ڇمارون ڪهربل آهن. پوءِ خبر نہ آهي تہ اسان جي ڪهڙي پوش لطيف جي عشق ۽ عاشقي واري ڇڏيل رندن کي ڇهي بہ سگهندي، الائي نہ. آخر ۾ شاهہ جو هي شعر پڙهو.

عاشق زهر پياڪ وهہ ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشهہ هيراڪ،
لڳين لنوَ لطيف چئي فنا ڪيا فراق،
توڙي چڪن چاڪ، تہ بہ آهہ نہ سلن عام سان. "يمن ڪلياڻ"

# شاهہ جي فقيري

شاهہ سائين کي جتي شاعرن جو سرتاج عالمن جو شمس ڪرامتن جو قانع سچائيءَ جو سائين ۽ شرافت جو پندار سڏيو ويجي ٿو. اتي سائينءَ جو هڪ پاسو فقيريءَ وارو بہ آهي، پر ڪيس انهن عام رواجي فقيرن سان نٿو ڀيٽي سگهجي. هو تہ فقيريءَ ۾ بہ شهنشاهہ نظر ٿو اچي.

پنڻ ڪونہ پٽ ڪٽي گهرن ڪين گراهہ،
مهيسي مخلوق جي، اپين دور دران،
پڇن ڪونہ شرعان، جُم اندر عدالت اُن جي. "رامڪلي"

شاهہ انهن فقيرن منجهان آهي جيڪي فقير هوندي بہ ڪنهن ٻئي جي دروازي تي ڪشتو ڪٺي پني ڪنهن گراهہ جي طلب ڪونہ ڪندا آهن. هنن کان جيڪڏهن ڪا غلطي سرزد ٿي پوي ٿي تہ هو ڪنهن بہ مفتيءَ ڏانهن ڪونہ ٿا وڃن، پر اهي پنهنجي ضمير جي عدالت ۾ پاڻ ئي جوابدار جي حيثيت ۾ پيش ٿيندي پاڻ ئي انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهي پنهنجي خلاف پاڻ ئي فيصلو صادر ڪندا آهن ۽ اهڙي قسم جا ماڻهو ڪڏهن بہ قسمت جي گلا ڪونہ ڪن نہ وري هرويرو ڪو مقدر تي ٻاڙي ويهندا آهن.

شاهہ سائين جي فقيريءَ مان اهو بہ چٽو نظر اچي ٿو تہ انسان کي ناهہ نوهہ بجاءِ خاڪساريءَ ۾ گذارڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ائين رهڻ سان هن کان گناهہ ڪونہ ٿيندا ۽ جڏهن هو هيءَ دنيا ڇڏيندو تہ ڪانيارو ٿي نہ ڇڏيندو.

پايو منهن مونن ۾، غربت سان گذار،
مفتي منجهہ وهار، تہ قاضي ڪانيارو نہ ٿئين. "يمن ڪلياڻ"

غرور، تڪبر، وڏائي انساني قدرن جون وڏي ۾ وڏيون دشمن ليکيون وڃن ٿيون. تنهن ڪري انهن جي ضد ۾ اچڻ کان پري ئي رهڻ ۾ انسان جي عافيت آهي. غرور منجهان ڪنهن بہ قسم جي فائدي جي اميد رکڻ اجائي هوندي آهي. جڏهن تہ ان منجهان نقصان رسڻ جو انديشو ضرور ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري وڏائي واري ماڻهوءَ سان ڪنهن بہ قسم جو تعلق يا محبت کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

لاتيون جي لباس جون، سي چپائي ڇڏ،
"آئون" "اسين" ڪن جي، پاسي تن م اڏ.

جڏهن تہ هيءَ جهان محبت منجهان وجود ۾ آيل آهي. پر منجهس رهندڙ ان جي ابتڙ عمل ڪندڙ آهن. هر ڪو هڪٻئي کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾ آهي. جنهن ڪري هيءَ دنيا باهہ جو مچ ٻٽيل آهي. جڏهن تہ هتان جي هر شئي فنا ٿيڻ لاءِ آهي. تہ پوءِ آخر انسان ڪهڙي ڳالهہ تي غرور پيو ڪري. هتي تہ انسانن کان وڌيڪ پکين کي بہ پاڻ ۾ پيار آهي. جنهن ڪري انهن کي وڳرن جي صورت ۾ اڏامندو پيو ڏسجي. پکي تہ پوءِ بہ ساهہ وارا آهن. پر پاڻي ڪسين، درياهہ جي ڪنڌين تي جيڪي ڪک ڪانا يا ٻوڙا وغيرهہ ٿيندا آهن. انهن ۾ بہ انسانن کان وڌيڪ ساجاهہ آهي. جڏهن ڪو ماڻهو درياهہ ۾ اوچتو ڪري ٻڏڻ لڳي ٿو تہ هو پنهنجي

جان بچائڻ خاطر ڪناري تي قتل ڪڪن ڪانن يا ٻوڙن جو سهارو وٺي ڪين پڪڙي ٿو تہ اهي ڪيس ٻڌڻ ڪان بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. پر جيڪڏهن انهن ٻوڙن وغيرهہ جون پاڙون ڪنڌيءَ ۾ پختيون نہ هونديون آهن، تہ اهي ٻڏندڙ ماڻهوءَ جي هٿ پوڻ تي پاڙئون پٽجيو پون ۽ پٽجڻ جي باوجود بہ انهيءَ ٻڏندڙ سان سير ۾ گڏ لڙهي وڃن ٿيون.

ٻڏندي ٻوڙن ڪي ڪي هاٿڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ، لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪڪن،
توٽي ڪنڌي ڪن، نات ساٿن وڃن سير ۾. "سسئي"

هن دنيا جي رنگينين تي پلجي آخرت ڪان منهن موڙڻ ۾ انسان جو پنهنجو نقصان آهي. ڇاڪاڻ تہ هتي اچڻ بعد پوءِ اهو ماڻهو ڪيڏي بہ وڏي حيثيت وارو چونہ ٿجي ويو هجي، مثال طور مدبر، دانا، سخي، دلير، شهزور. پر پوءِ بہ ڪين مليل وقت ڪان هڪڙو سيڪنڊ بہ وڌيڪ هتي رهڻ جي مهلت ڪونہ ملي سگهندي. اهي پنهنجي طاقت جي زور تي توڙي جو ٻين جي قسمت جا فيصلا بہ ڪندا هئا. سندن دٻدٻي ڪان ڪيترائي ڪن هٿندا هئا. هنن جي هڪ اشاري تي دنوي ستاءَ جا نقشا بدلجي ويندا هئا، پر پوءِ سندن ساهہ جي مهار پرائي هٿ ۾ هئي. جنهن تائين رسڻ هنن جي وس ڪان ٻاهر هو. تنهن ڪري دنيا کي مسافرخانو تصور ڪندي، سچ جو ساٿ هرگز نہ ڇڏڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ساٿ ڇڏڻ جي غلطي ڪئي تہ ڪيس وڏو نقصان رسندو.

فاني ني فاني! دنيا دم نہ هڪڙو،
لتي لوڙهہ لتن سين، جوڙيندءِ جاني،
ڪوڏرءِ ڪاني، آهہ سر سڀ ڪنهين. "برو سنڌي"

زندگي جستجوءِ جدوجهد جو نالو آهي، تنهنڪري ڪنهن بہ حالت ۾ پاڻ تي ڪاهلي طاري ٿيڻ نہ ڏجي. يعني هوت کي حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل سفر جاري رهي. ۽ اهڙي عزم وارا ئي عظيم ليکيا وڃن ٿا. ڪاهل ۽ ڪم همت ڪڏهن بہ اهو ڪجهہ حاصل نٿو ڪري سگهي جنهن جي هو سڌ ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ منزل تي رسڻ لاءِ ڪشالا ڪڍڻ لازمي هوندا آهن. جنگ جي ميدان جو مثال وٺو تہ اتي بہ جيڪي تلوار هلائيندا آهن، گهوڙا ڊوڙائيندا آهن، انهن کي ئي سوڀ نصيب ٿيندي آهي، پر جيڪي هٿ تي رکيو ويٺا هوندا. انهي کي رسوائيءَ جو طوق ۽ غلامي نصيب ٿيندي آهي. اهڙي طرح جيڪي سستل رهن ٿا. انهن جو ڀاڳ بہ سستل هوندو آهي. ائين ڪڏهن ڪونہ ٿيندو آهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهو سستل هجي ۽ سندس نصيب جاڳندو هجي.

محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي تي هلڻو پوي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هوت هميشہ هلندن کي مليو آهي. ۽ اهي ئي انهيءَ جي قربت ماڻي سگهيا آهن، جن ڪشالا ڪڍي پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهي ڪيس ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ ڪاميابيءَ جي ڪلف کي سواءِ ڪوشش جي ڪنجيءَ جي ڪولي ئي نٿو سگهجي.

صبر ۽ شڪر ڪرڻ تمام سٺا گڻ آهن، ڇاڪاڻ تہ پاڻ خدا جو فرمان آهي تہ

آءُ صبر وارن سان گڏ آهيان. پر صبر جي هرويرو اها به معنيٰ ڪونهي ته وات تي چپ جي مهر هڻي ويهي رهجي. ڇاڪاڻ ته سالڪن کي هلچل ۾ ئي سڪون مليو ٿو. خدا جي راهه جا پانڌيئڙا صبر شڪر واري حڪم کان انڪاري ڪونه هوندا آهن. پر انهن جي خيال ۾ اهي گڻ انهن کي سونهن ٿا، جيڪي جدوجهد ۽ مسافت جا عادي ڪونه هجن ۽ هڪ هنڌ ويهي مراقبو ڪري مولا جو مشاهدو ماڻڻ گهرندا هجن. پر جيڪي ان منزل کان به اڳيرا ٿيڻ جي تمنا رکندڙ آهن. انهن جي نظرن ۾ صبر ۽ شڪر جي ڪابه معني ڪونه آهي. اهي هستي هوندي فنا في الله ٿيڻ جي آرزو رکن ٿا. يعني ڪين فاني وجود هوندي به "باقي" سان گڏ هجڻ جي گهرج هوندي آهي. اهڙا فقير بغاوت تي به لهي اچن ٿا.

صبر ۽ شڪر ڪاڏي آءُ ڪندي،

آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مون. "سسئي آبري"

افراتفري نفسانفسي جو اثر به اڪثر ڪري انهن تي پوي ٿو جيڪي نفس جا غلام هوندا آهن اهڙي غلامي کي بدترين غلامي سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن ته فقير جي سواري هميشه کان نفس رهيو آهي. هو نفس جون واڳون قبضي ڪري ڪيس جڪي اهڙيون الاهي امازيون ڏيندو رهندو آهي، جو نفس خود نفسانفسي جون دانهون ڪندي اهڙي فقير کان جند ڇڏائڻ لاءِ زيلون ڪندو رهي ٿو ۽ هن جي دانهن جو فقير تي ذرو به اثر ڪونه ٿو پوي. ۽ فقير جا پادر جهلنيدي پنهنجي برائيءَ واري اثر کان پاسو ڪري ٿو. فقير جي ظاهر فطرت جو غلام ٿي سندس حال تي هلي ٿو. پر سياسي سهارو وٺندي ساڻس ساٿ ۾ انهيءَ اميد تي رهندو اچي ٿو ته ڪڏهن نه ڪڏهن فقير کان ڪا غفلت ٿئي ته هو مٿس حملو ڪري سوار تي ڪانئس اهي ڪسرون ڪڍي، جيڪي فقير هن سان ڪيون آهن. پر صاحب نظر ڪڏهن به ڪوتاهي ڪونه ڪندا آهن. سندن ننڊ به عبادت ۾ شمار هوندي آهي، تنهنڪري نفس جي اٽڪين پٽڪين کي محسوس ڪندي ڪيس ڏمڪائيندي ائين چيو ڏين ته:

نڪي آهيون چمڙا، نڪي آهيون چور،

هانگا ماءِ هور، ڪتا! ڪرئين ڪن تي. "معذوري

اڇو ڪپڙو پاڪائي ۽ طهارت جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري ئي اڪثر ڪري ڪفن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، اڇي ڪپڙي تي جيڪڏهن ٿورو به داغ لڳي پوي ته پري کان به نظر ايندو. تنهنڪري انساني فطرت کي به بلڪل اڇو ۽ پاڪ صاف هئڻ گهرجي. معنيٰ جيڪو من ۾ سوئي زبان تي، هر ڪنهنجو خير ڪنهن سان ڪابه بياءَ جي ٻولي نه صرف ٻولڻ پر ٻڌڻ کي به گناهه سمجهجي. پر ان هوندي به جيڪڏهن ڪو ڪنهن سان يا زباني طرح ڪري ته خراب سلوڪ عملي الله لوڪ انسان کي ان جو ساڳي انداز ۾ جواب نه ڏيڻ گهرجي. پاڻ ۾ طاقت هوندي به ان جي غلط مظاهري ڪرڻ جي منع آهي. جيڪڏهن ڪو ڪجهه به نه هوندي پاڻ کي سخت جان ۽ سير سمجهي ڪنهن ٻئي سان زيادتي ڪري ٿو ته ڪيس پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. توهان پنهنجي اصليت تي هلندي پنهنجي جوش تي هوش جو پاڻي چاڙهي من ۾ اٿندڙ جوابي لوهي گولن کي به ميڻ بڻائي وجهو ڇاڪاڻ

تہ ڪاميابيءَ جو راز هميشہ نهٺائيءَ ۾ ئي هوندو آهي ۽ سندس مقابلي ۾ ڪوبہ بدنيت ۽ ڪيني واري فطرت رکندڙ ڪجهہ بہ حاصل ڪري ڪونہ سگهيو آهي.

هو چوٺني، تون م َ چؤ، واتان ورائي ويڻ،
سيني سين سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ،
ڪاند وڏيائي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي. "يمن ڪلياڻ"

حق جي ڳولا ۾ جيڪي جهر جهنگ رلندا ۽ چلا ڪيندا رهن ٿا، ۽ دنيا ڪان صفا منهن موڙيو ڇڏن انهن ڪي شاه سائين هيئن چوي ٿو تہ: اسين ڪيترو نہ ڀُلجيلا آهيون جو حق جي تلاش ۾ سندس ڪائنات جو حسين حصو ڇڏي ڪيس برن ۽ بيابانن ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ۾ آهيون ۽ نہ ملڻ واري حالت ۾ سندس سڪ ۾ سرگردان ڦرندا وتون. جڏهن تہ اهو دلبر خود اسان ۾ موجود آهي. يعني هو اسان کان الڳ ٿي ڪونهي رڳو پنهنجي سمجهہ ۽ نظر جو ڦير آهي. هونءَ تہ اسين جنهن جي سڪ جا سڪايل آهيون، اهو پاڻ اسان جي وجود ۾ آهي، يعني اسين پاڻ پنهنجي ڳولا ۾ آهيون. ائين برابر آهي تہ هن ڪي نہ ڪنهن ڄڻيو آهي ۽ نہ ئي هن جي ڪا اولاد آهي. هو هن سڄي دنيا ۽ آسماني ڪارخاني جو موجد ۽ اڪيلو مالڪ آهي. سندس ڪو نوس وجود نہ هجڻ جي باوجود هو جنهن بہ شڪل ۾ آهي ان سان پنهنجي هر مخلوق ۾ موجود آهي. تنهنڪري جي ان طرف توجهہ ڪري پنهنجي پرک واري نگاهہ سان حق کي پرکڻ جي جدوجهد ڪئي ويندي تہ سندس ليي پوڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي.

اسين سڪون جن ڪي، اسين پڻ سيئي،
لم يلد ولم يولد، ونءُ اوڏانهن پيهي،
تهان منجهيئي، پارک! پرکج حق ڪي. "آسا"

اڙي مورک انسان ڪنهن ڪڏهن ان ڪي بہ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو پاڻ سندس ياڪر ۾ هجي. فرق صرف اهو آهي تہ تون پاڻ پنهنجي بصيرت ڪان بيخبر آهين شيطان جي صحبت توکي پنهنجي سڃاڻپ ڪان بہ محروم ڪري ڇڏيو آهي. ان جي محبت ۾ ايترو گرفتار آهين جو ڪڏهن پلجي بہ اصليت تي ڪا هڪ گهڙي بہ نٿو سوچين. جيڪڏهن تون صرف ڪجهہ لمحن لاءِ رڳو پاڻ تي ويچار ڪرين تہ توکي محبوب ملي ويندو. ڇاڪاڻ تہ اهو تہ ڪو عقل ڪان خالي ماڻهو بہ نہ ڪندو تہ هو پنهنجي محبوب ڪي گڏ هوندي بہ ڪيس ڪنهن دڪان يا بازار ۾ ڳولڻ لاءِ وڃي.

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهہ پهي؟
و في انفسڪم افلاتبصرون، سوجهي ڪرسهي،
ڪڏهن ڪانہ وهي، هوت ڳولڻ هٿ تي. "سسئي آبري"

مون شاهہ صاحب جي شاعريءَ ڪي بنياد بڻائي ڪجهہ سٽن لکڻ جي جسارت ڪئي اٿم. ان منجهان ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو مون وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، آءٌ تہ ادب جو ادني پانڌيئڙو آهيان. ادب شناس دوستن جي قربت ۾ رهندي سندن پيرن جي نشانن تي پنهنجا پير رکي هلڻ جي ڪوشش ڪندو رهان ٿو. پوءِ ان ۾ ڪيترو اڳيرو ٿيو آهيان. ان جي پاڻ کي اجا پوري طرح ڄاڻ ڪونہ

پئي آهي. ادب جي سفر ۾ ايترو ثمر بہ ڪونہ اٿم ۽ منزل جي دوريءَ جي بہ پوري ڄاڻ ڪونهي. اديبن جي قافلي ۾ سلهاڙيل هوندي جدوجهد جاري آهي. ادب وارن جا شفقت وارا هٿ مون تي رکيل آهن، جن جو ضرور اثر پوندو.

فقيري شاهہ سائينءَ جي رڳ رڳ ۾ سمايل هئي پر هو ڪنهن گوشہ نشيني يا ڪنهن هڪ هنڌ ويهي ڪونہ رهيو هو جوڳين، فقيرن جي صحبت ڏاري سيلاني ٿي رمندو رهيو ۽ اهڙي طرح متس قدرت جا راز کلندا ويا. جن کي پاڻ شاعري جي روپ ۾ زماني اڳيان ظاهر ڪيائون. سندن شاعريءَ لاءِ اهو مشهور آهي تہ پاڻ جڏهن وجد ۾ ايندا هئا تڏهن بي اختيار ٿي نچڻ لڳندا هئا ۽ ان وجداني ڪيفيت ۾ مٿن شعر جي آمد ٿيندي هئي ۽ سندن دهن مبارڪ منجهان مختلف قسمن جا گل ڪڏهن عقيدت جي رنگ ۾ ڪڏهن مارئي. ڪڏهن مومل راڻو، ڪڏهن سسئي، ڪڏهن سهڻي جي سونهن ڏاري وسڻ شروع ڪندا هئا. جن کي وٽس ويٺل فقير لکندا ويندا هئا. جڏهن شاهہ سائين وجد واري حالت منجهان ٻاهر ايندو هو تہ فقير کيس سندس چيل شعر پڙهي ٻڌائيندا هئا. شعر ٻڌڻ بعد شاهہ سائين جو اهو جواب هوندو هو تہ بابا اهو تہ چوڻ واري چيو آهي، باقي مون کي تہ ڪا خبر ڪونهي. اهوئي سبب تہ شاهہ سائين جي شاعريءَ کي الهامي شاعري سمجهندي کيس خاص طرح سنڌ ۽ سنڌي قوم ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان نہ صرف ڏٺو پر ٻڌو ۽ پڙهيو بہ وڃي ٿو. الهامي شاعري هجڻ جو اندازو ان منجهان بہ ڪري سگهجي ٿو تہ شاهہ سائين ڪيترا اهڙا شعر چيا آهن، جيڪي قرآني آيتن جو ترجمو محسوس ٿين ٿا. جنهن ڪري اهڙن موتين کي ڪج نثو ڪوئي سگهجي مثال طور

جي تو بيت ڀانئيان، سي آيتون آهين،
نيومن لائين، پريان سندي پار ڏي. "سهڻي"

# شاهہ جي اهل بيتن سان عقيدت

ڪيڏارو: سنسڪرت جي لفظ ڪيدارو منجهان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ جنگ جو ميدان آهي. ڪيداري جي نالي سان هڪ راڳڻي بہ آهي جيڪا راڳ ديپڪ جي پنجين استرين مان هڪ آهي هن راڳڻي کي راڳڻي سپورڻ بہ ڪوٺيو ويجي ٿو.

سُر ڪيڏاري کي شاهہ سائينءَ جو رزمي سر بہ سڏيو ويجي ٿو. هن سر ۾ شاهہ سائين ڪربلا جي قصي جي تمام چٽي تصوير چٽيندي جنگ جي ميدان ۾ حق جي اظهار ۽ يزيد جي مخالفت ڪرڻ وارن کي جيڪي تڪليفون رسيون ۽ رب العزت جيڪي پنهنجي پيارن جا امتحان ورتا ۽ سندس نالو وٺندڙ شهادت حاصل ڪرڻ سان سرخرو ٿيا. انهيءَ سموري صورتحال جي جنهن نموني شاهہ سائين تشريح ڪئي آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. شاهہ سائين هن سر ۾ جنگ ۾ پيدا ٿيندڙ تبديلين ۽ بهادرن جي بهادريءَ سان گڏ جنگ ۾ جوانن جا سر ڌڙن کان ڌار ٿي زمين تي ڦٿڪڻ جا منظر جنهن مهارت سان بيان ڪيا آهن ان جو نمونو هيٺ ڏنل شعرن منجهان بخوبي نظر اچي ٿو.

"بهادر گڏيا، بهادرين، ڪڙڳ ڪلول ڪن،
وجهن ڌڙ ڌڙن تي، هاڪارون هٿن،
ڪرن ڪند نچن، رڻ گجيو راڙو ٿيو." "ڪيڏارو"

سر ڪيڏاري جي اوٽ ۾ جيڪو شاهہ سائين خاموش جائزو ورتو آهي، اهو ڪجهہ هن ريت آهي.

مالڪ ڪائنات روحن جي پيدا ڪرڻ بعد ڪين گڏ ڪري ڪائن گڏيل سوال ڪري ٿو.

اوهان منجهان ڪير آهي، جيڪو مون لاءِ قرباني ڏيندو ان جي بدلي ۾ آءٌ ڪيس سندس دنوي جسم سان ملاقات جو شرف بخشيندس، پنهنجا ڳجها راز ڏيکاريندس. پنهنجي طرفان خاص سواري موڪلي آسماني سير ڪرائڻ سان پنهنجو مهمان خاص بڻجڻ جو اعزاز بخشيندس منهنجي نالي سان گڏ سندس نالو بہ عبادت طور پڙهيو ويندو.

هڪ روح چوي ٿو.

آءٌ تنهنجي عبادت واسطي جڳهہ تعمير ڪندس جنهن کي قيامت تائين پيدا ٿيندڙ تنهنجو نالو وٺندڙ انسان طواف ڪندا. باقي رهندي دنيا جا ماڻهو ان طرف پنهنجو منهن ڪري تنهنجو نالو ڪٺندا ۽ عبادت ڪندا، ان متبرڪ جاءِ تي تنهنجو خاص نور وسندڙ هوندو.

ٻيو روح چوي ٿو.

آءٌ آدم ثانيءَ جي ناتي تنهنجي هر حڪم جي تبليغ ڪندو رهندس. هر اهو جيو جيڪو تنهنجي انحرافي ڪندو، ان کي پنهنجو ذاتي دشمن تصور ڪندس هر ڪڙي وقت ۾ توکان مدد طلب ڪندس. انهيءَ دوران جيڪڏهن مونتي زمين تنگ ڪئي ويئي تہ آسمان تائين اٿندڙ پاڻيءَ جي ويرن تي سوار ٿي تنهنجي دين جو دفاع

ڪندس.

تيون روح چوي ٿو:

آءٌ ۽ منهنجي اولاد تنهنجي نور سان نوازيل هجڻ ڪري تنهنجي هر حڪم جي پيروي ڪندڙ هونداسون، منهنجي اولاد منجهان تنهنجي حڪمن سان هڪ "خوبرو" خوابن جا تعبير ٻڌائيندو. جيڪي سئو سيڪڙو صحيح ثابت ٿيندا. سندس حسن تي حورون به حيران هونديون. پر پوءِ به تنهنجي خوش نوديءَ خاطر جيل جون صعوبتون برداشت ڪندو. مٿس ڪوڙا الزام لڳندا. پر ان جو ازالو تنهنجي رحمت سان سئو ٿيندو.

اهڙي طرح روح جواب ڏيندا رهيا.

آخر ۾ هڪ روح جو آواز آيو:

تنهنجي خوشنودي منهنجو مشن هوندي. تون جيڪي چاهيندين حاضر ڪندس. آءٌ ۽ منهنجي اولاد جي اولاد به صالحن منجهان هوندي. اها پنهنجي ڏاڏاڻي روايتن ۾ به جيڪڏهن ڪا ڪسر رهجي ويل هوندن ته ان کي به سڌاريندي ۽ تون مون کي سدائين شڪر ڪرڻ وارن منجهان لهندين. رب جليل سان ڪيل واعدن جي وفا ڪرڻ جو وقت شروع ٿئي ٿو.

نبيءَ جو خواب پياري ۾ پياري شئي قرباني ڪرڻ جو اشارو ملي ٿو. ان جي پيرويءَ ۾ شهزادو سينگاريو ويو. مقتل گاهه تائين پهچندي والد جي دل ۾ وڏا وسوسا جنم وٺن ٿا. ڇريءَ واري هٿ ۾ لرزش شروع ٿي وڃي ٿي. پنهنجي هٿن سان لخت جگر کي ذبح ڪرڻ جو عمل اکين جي ڏسڻ کان تمام مٿانهون هجڻ ڪري ڪپڙي جو سهارو وٺندي اکين کي ڍڪيو ويو. ڇريءَ جو ڪم شروع ٿيو دل اندر ڏک جا طوفان ڪڙا ٿيڻ لڳا. جنهن جو اثر اولاد ابراهيم تاج دار انبياءَ قبول ڪندي، انهيءَ قرباني جي منتقلي پنهنجي جهولي ۾ وجهندي عرض ڪيو ته اهو شرف منهنجي اولاد کي بخشيو وڃي، جنهن لاءِ آءٌ ۽ منهنجي اولاد بغير ڪنهن رنج ۽ وسوسي جي تنهنجي رضا کي رحمت تصور ڪندي قبول ڪنداسون. محبوب جي چوڻ جي دير هئي. مالڪ منظوري ڏيئي ڇڏي. هلندڙ ڇريءَ هيٺان "گهٽو" اچي ويو. اسماعيل عليہ السلام زنده شهيدن ۾ شامل ٿي ويو ۽ سندس نالي جو "ڪٺو" امام حسين عليہ السلام کي مليو، جنهن ڪربلا ۾ قرباني ڏيئي ابراهيمي سنت جي تڪميل ڪئي. قرآن شاهدي ڏيئي ٿو:

وَ فدينه بذبح عظيم.

۽ اسان ان کي هڪ وڏي قربانيءَ جو فديو ڏنو. واعدي ڪندڙ الله جو گهر ته ٺاهيو پر ان جي پوري سنڀال ڪونه ٿي سگهي.

بيت الحرام دنيا جو وڏي ۾ وڏو بت خانو بڻجي ويو منجهس 360 بت يعني سال جي هر هڪ ڏينهن جو عليحده خدا جو بت رکيل هو. ڪعبة الله ۾ اگهاڙا طواف به ٿيڻ لڳا. ڪيس مسمار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ "ابرها" هاٿين جي لشڪر سان مٿس چڙهائي ڪئي.

مطلب ته مٿس ڪفارن جو ايترو ته قبضو ٿيو جو منجهس الله جو نالو وٺڻ ڪفر مثل تصور ٿيڻ لڳو. انهيءَ دوران حضور اڪرم ﷺ جي واعدي وفا جو وقت اچي ويو. سندس ظهور سان لات ۽ منات وارا بت پاڻ هرتو اونڌي ڪنڌ ڪري پيا باقي بتن

کي بہ پٽي ناس ڪيو ويو. الله جي گهر تي نئين سر نور جي بارش شروع ٿي. نمازين کي اذان جي سڏ سان پڪاريو ويو. جواب ۾

لبيڪ اللهم لبيڪ لڪ

جا آواز فضا ۾ گونجڻ لڳا. سچ اچي ويو باطل ڀڄي ويو بيشڪ باطل تباهہ ٿيڻ وارو آهي.

الله جي خوشنودي ۽ گمراهن کي سڌي واٽ تي آڻڻ لاءِ طائف جو سفر جواب ۾ حضورﷺ تي پٿرن جي برسات پورو بدن رت ۾ ريتو نعلين مبارڪ ۾ بہ خون جو ريج.

خدائي ڏمر جو جوش ۾ اچڻ. منهنجا محبوب حڪم ٿي تہ ٻن جبلن کي ملائي پوري طائف جي آبادي کي ڌرتيءَ تان مٽائي ڇڏيان. جواب ۾ عرض ٿئي ٿو تہ هي تہ نادان آهن مون کي نٿا سڃاڻن ڪين منهنجي سڃاڻپ جي ساڃاهہ عطا ڪئي وڃي.

هي هو حضور ۾ نورﷺ جو جاني دشمن سان بہ رويو. جڏهن تہ نوح عليہ السلام رب العزت کي عرض ڪيو تہ يا خداوند هي توکي سڃاڻڻ واري هر ڳالهہ کي ميڻ لاءِ تيار ئي ڪونهن. تنهنڪري هنن تي پنهنجو غضب نازل فرماءِ.

زمين منجهان پاڻي نڪرڻ شروع ٿئي ٿو. حضرت نوح عليہ السلام پنهنجن ڪجهہ ساٿين سان پاڻيءَ تي ترندڙ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿئي ٿو ۽ پنهنجي نالائق پٽ کي سڏ ڪري ٿو.

ونادي نوح ابنه وكان معزل يبني ازكب معنا ولا مكن مع الكا فرين

۽ نوح پنهنجي پٽ کي سڏ ڪيو جڏهن تہ اهو اڪيلو هو. اي پٽ اچي اسان سان سوار ٿي ۽ ڪافرن منجهان نہ ٿي.

۾ سندس پٽ انڪار ۾ جواب ڏيندي پيءُ کي چيو تہ آءٌ جبل تي چڙهي ويندس جتي مون کي اهو پاڻي ٻوڙي ڪونہ سگهندو. پوءِ هو جبل تي چڙهي ويو جهٽ ڪن ڪان پوءِ هڪ وڏي لهر چڙهي جنهن هن کي ٻوڙي ڇڏيو.

هتي حضورﷺ جي خوني رشتن کي پيٽي ڏسون تہ اهي ڪيڏي ادب جي ڪمال کي پهتل هئا.

دين جي تبليغ گهر کان شروع ٿئي ٿي ٻار حضور اڪرمﷺ جي منهن مبارڪ جي زيارت ڪرڻ سان اکيون کولي ٿو. سندن آڱر مبارڪ سان ماکي چٽيندي ٻنڊڻن ۾ ڪلمو پڙهي ٿو. پرين جي پيار جي شفقت هيٺ پروان چڙهندي جوانيءَ کي رسي ٿو.

فارغ التحصيل جي ڪيس سند عطا ٿئي ٿي. "اها سند هئي"

"انا مدينة العلم و علي باب ها"

آءٌ علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي.

هر غزوه ۾ حضورﷺ جو ساٿو هٿ. خدمتن جي صلي ۾ ڪفارن کي جهنم رسيد ڪرڻ خاطر خدا طرفان "ذوالفقار" جي عنايت. اکين جو اٿي پوڻ غزوهہ خيبر ۾ حضورﷺ جي منع تي غير حاضري فتح ۾ تاخير.

سرور جو جبل تي چڙهي اسد الله کي سڏ
ياعلي ياعلي ادرڪني في سبيل الله.
پڪار جي پوئين لفظ تي لبيڪ يارسول الله.

علي رضہ کي سڳورنﷺ سامهون ڏنو. فتح جو جهنڊو ڪيس عطا ڪيو. نعرهہ

الله اڪبر سان خير جي ڪوٽ جو سرون ڪڪن مثل هوا ۾ اڏامڻ لڳيون.

حضرت يعقوب عليہ السلام جي حالت زار "يوسف جي ڀائرن جي بي وفائي" پوڙهو ٻيءَ زنده فرزند جي جدائي ۾ ايترو رنو جو اکين کان ويهجي ويو. قرآن ٻڌائي ٿو:

وابيضت عينه مِن الحزن وتمو كظيع

۽ ڏک ۾ ان جون اکيون اڇيون ٿي ويون هيون ٻي آيت آهي:

قال انما اشكوبثي و حزني الي الله.

چيائين تہ مان پنهنجي ڏک ۽ غم جي شڪايت الله تعاليٰ سان ڪيان ٿو. نبيءَ جي پيٽ ۾ اولاد علي رضہ نواسہ رسولﷺ جو ڏٺو تصور مصطفيٰﷺ ميدان ڪربلا جو مقين چئن ڏينهن جو بکيو پياسو، علي اصغر جو لاش ڪٺي ٿو. قاسم گهوٽ کي ڪلهو ڏيئي ٿو. پر زبان تي صبر جي آهي. بيبين کي صبر جي تلقين اکيون ڳوڙهن کان صاف آهن، ديد سلامت آهي. زبان تي ورد خداوندي کان سواءِ ڪابہ شڪايت ڪونهي. صرف مالڪ جي راضپي جي دل اندر تڙپ ئي تڙپ آهي. ناني سائينﷺ جي ڪيل خدا سان واعدي جي تڪميل مقصود آهي. سختيون وڏنڌ آهن. اڪيلي جان هر طرف کان خون جا پياسا "يزيد" جي بعيت جو مطالبو. سرڪٽجي وڃڻ باوجود بہ نيزي مٿان قرآن جي تلاوت ڪندي بلند رهي ٿو. ابراهيمي قربانيءَ جي تڪميل ٿئي ٿي. قرآن شاهدي ڏيئي ٿو:

"وفداينه بزبع عظيم"

۽ اسان ان کي وڏي قرباني جو فديو ڏنو

شاھ سائين وري هئين چيو آهي:

حسن مير حسين جي، سٺي جنگ جهان،
اڏاٺا اوڙ ڪري، ڪارين پکين ڪان،
پيءُ، ڏاڏاٺا، پاڻ، سيد سڀ ملهائيا. "ڪيڏارو"

سر ڪيڏاري ۾ شاھ سائين ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ڳاڙهي رنگ منجهان سندس مطلب مظلومن جي رت وهڻ سان آهي ۽ ڪاري رنگ جو مطلب انهن شهيدن جي ياد ۾ ڏک ۽ ماتم جو اظهار ٿي ٿي سگهي ٿو. پر جن بہ شهادت ماڻي اهي شهادت جا شيدائي هئا. هو مرڻ کي مهڻو نہ بلڪ دلبر سان ملاقات جو ذريعو سمجهندا هئا. جنهن ڪري امام حسين رضہ جا پيروڪار ٻئجي ڪربلا جي سخت گرمين ۽ ڪاڙهي کان بي نياز يزيدي لشڪر تي آخري دم تائين هلان ڪندي شهادت جي شرق ۾ اصلي منزل حاصل ڪئي.

اهڙي اڏول جوڌن واسطي شاھ سائين هئين ٿو فرمائي

ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهيڙيندا ڇڏيا،
ڪارا ڪند هٿن ۾، اڙل وچيرا هيٺ،
ٿي تنين سان ڏيڻ، موٽڻ جنين ميهڻو. "ڪيڏارو"

ڪاري رنگ وارا پکي جن کي پاريهر يا جهنگلي ڪبوتر بہ چيو وڃي ٿو. ڪربلا جي جنگ دوران تيرن جي برسات ۾ اهي پکي تيرن جي سامهون اچي ڦٿجي پيا هتي ڪاري رنگ کي شاھ سائين ماتمي رنگ سڏيو آهي، جنهن ڪري ڪاري

لباس کي ماتمي تصور کيو وڃي تو ۽ ان لباس جي حيثيت ڪربلا کان شروع ٿي اچا تائين هلندي اچي ۽ قيامت تائين جاري رهندي.
شاهہ سائين ڪاري لباس جي باري ۾ فرمائي ٿو:

ميـر مـديـنـئـا نـڪـري، آئـيـا نـہ مـوٽـي،
ڪـــارا رڱج ڪــپـــڙا، ادا نـــيـــروٽـــي،
اُن تـــنـــين لاءِ لـــوڻـــي جي مـــســـافـــر رانـــيـــئـــا.

ڪربلا ۾ جڏهن موت جي مند آئي تڏهن جوانن جي رت سان ڪربلا جي زمين ريٽي ٿي ويئي ۽ ميدان مٿان ايترو رت ڳڙيو جو حسين عليہ السلام جي دلدل گهوڙي جا پير بہ ڳاڙها ٿي ويا. مگر پوءِ بہ اسلام جا شيدائي دشمن تي راتاها هڻندا ۽ سٿون ڏيندا رهيا ۽ سندن اهڙي ڪار تي ائين پئي محسوس ٿيو، جڻين سج بہ مرڪندو هجي.

ڪـربـلا ڪـڪـوري ـ رتـا دلـدل پـيـر
سـٿـون ڏيـنـدي شـيـر، مـٿـان سـج مـرڪـئـو.

عزيز دوستو مون پنهنجي ناقص ڄاڻ ۽ شاهہ سائينءَ جي سر ڪيڏاري جي روشنيءَ ۾ هيءُ هڪ حقير نذرانو آل رسول ﷺ جي نذر ڪيو آهي. باقي حسين رضہ جي ذات اقدس جي تعريف آءُ خاڪي ڇا ڪري سگهندس جڏهن شاهہ سائين جهڙي آفاقي شاعر جو اهو خيال آهي تہ:

سـخـتـي شـهـادت جي نـــســورونئـــي نـــاز،
رنـد پـــروڙيـــن راز قـــصـــيـــي ڪـــربـــلا جو،
آخر ۾ آءُ شـاهـہ سـائـين جو شـعـر پـڙهـنـدس.
حـسـن مـيـر حـسـيـن کـي رنـو ٽـن ٽـولـن،
گهر ماڙهين، جهنگ مروئين، اپن ۾ ملڪن،
پـکـيـن پـاڻ پـڇاڙيـو تـہ لـڏيـو هـوت وڃن،
الا! شـهـزادن، سـويـون ڏئـين سـچا ڏٽـي. " ڪـيـڏارو"

# شاهہ ڀٽيو سسئي

شاهہ سائين سسئيءَ جو روپ ڌاري جيڪا شاعري ڪئي آهي ان کي ڏسندي ائين پيو لڳي. جيئن هو خود سسئي آهي ۽ جيڪي تڪليفون سسئيءَ مٿان آيون. اهي ڄڻ پاڻ شاهہ ڀوڳيون هجن. هن نموني شاهہ سائين سسئي تي ڳائيندي پراڻي تاريخ کي پڻ ورجايو آهي.

سسئيءَ چواڻي تہ جڏهن هن ڀروچن کي ڀنڀور ۾ ايندي ڏٺو تہ هن جون اميدون وڌي ويون. اهڙي طرح جڏهن هن پنهونءَ جي وارثن کي ڏٺو تہ خوشيءَ وچان ننهن چوٽيءَ تائين نري پئي ۽ انهيءَ دوران جيڪي فقط اجايا وهم گمان هئا يا جيڪي سندس دل ۾ وسوسا هئا سي سڀ جو سڀ ختم ٿي ويا ۽ ائين محسوس ٿيس تہ خوشين ڏانهس سڪن جون مبارڪون موڪليون هجن. مٿي بيان ڪيل ڪيفيتون ان ڪري بہ هيون تہ سسئي پنهون کي مجازي خدا تسليم ڪري چڪي ۽ هن نئين صورت حال کي ڏسندي لازمي خوشين جي وادين ۾ جهومڻ لڳي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هاڻي ڪيس پڪ ٿيڻ لڳي هئي تہ سندس دلبر هميشہ لاءِ هن جو ٿي رهندو:

آيـــا آس تـــيـــام، ڀـــاروچا ڀـــنـــڀـــور ۾،
پسي پهر پنهونءَ جي، ننهن سيئن نيڻ نريام،
ڪوندر وسريام، سڪن شاخون مڪيون. ”حسيني“

جڏهن سسئي کي ڏير ننڊ ۾ ڇڏي، پنهونءَ کي کڻي هليا ويا تہ سسئي پنهنجي پاڙيسرين تي شڪ ڪندي چيو ٿي تہ منهنجا پاڙيسري ايترا تہ هاڪڙا هئا جو منهنجي گهٽ ذات هئڻ واري حيثيت کي لڪائڻ بجاءِ يعني شير شرم ٿيڻ بجاءِ منهنجي انهيءَ برائيءَ ڍڪڻ بجاءِ واڪو ڪيائون ۽ پنهونءَ جي ڀائرن کي منهنجي ذات پاڻ کولي ٻڌائي ڇڏي. ۽ اهوئي سبب هو جو مون بدبخت کي گهٽ ذات وارو سمجهندي. مون کي جاڳائڻ بنا اڪيلو ڇڏي هليا ويا. منهنجي پاڙيوارن کي منهنجي اصليت ظاهر ڪرڻ نہ کپندي هئي. ڇاڪاڻ تہ پاڙي جون نياڻيون بہ پنهنجو نياڻيون ٿين ٿيون. پر هنن منهنجي ذات واري عيب کي نہ ڍڪي هڪ سٺي پاڙيسري هجڻ جو ثبوت ڪونہ ڏنو آهي.

منهنجو پاڙيجن، ڪڇو ڪونہ ڍڪيو،
پاسي چڙهي پنهونءَ جي، ذات سلتي جن،
تـــيـــلان ڀـــاروچن، نـــڌر ڇڏي نـــنـــڊ ۾. ”حـــســـيـــنـــي“

انهن دکدائڪ غمن جي گوماڌن ۾ سوچيندي. جتي سسئي پاڙيسرين کي ڏوراپا پئي ڏنا. ات ڪيس پنهنجي غلطيءَ تي بہ شرم ٿي آيو. هوءَ پاڻ کي ڇنڀيندي چوي ٿي تہ جڏهن ساٿ ڏٺي يعني پنهل هن وٽ هيو تہ هن جاڳي سندس پرگهور لهڻ بجاءِ بي فڪري ٿي سمهي رهي. يعني سسئي کي سڀ ڪجهہ حاصل ٿيڻ بعد هن منجهان عقل موڪلائي ويو. ڇا انهيءَ کي پريت چئي سگهجي ٿو تہ جاني هنج ۾ هوندي بہ سندس ڪا سار ئي نہ لڌي وڃي. اها پريت نہ پر ڪَريت آهي. جو منهنجو پنهون سفر تي روانو ٿي ويو ۽ آءُ سمهندي رهيس. هاڻي دلبر جي جدائي تي

روڄ راڙو ڪرڻ منجهان ڇا فائدو ٿيندو. ايڏي وڏي غلطي ڪرڻ بعد جيڪڏهن "رنو" بہ وڃي تہ اهو لڙڪن جو پاڻي منهنجي ڪيل ڪَريت کي ڌوئي صاف ڪونہ ڪري سگهندو. يعني هاڻي وارو روڄن بلڪل اجايو خلق کلائڻ مثل ٿيندو. ڪاش آءٌ ان وقت بيدار رهان ها تہ ڪر هن نموني ڏهاڳ ڏسڻو ئي ڪين پويم ها.

ساٿين سئين نہ جاڳين، پوءِ ڪڄاڙيان روءِ؟
اي پر ڪپر هوءِ، جڏهن هو سانگي، تون سمهين. "حسيني"

منهنجي ساهرن کي شايد منهنجي اصلي بڻ بنياد جي خبر پئجي ويئي تنهن ڪري هو مون کان لڄارا ٿي ٻاک ڦٽڻ کان بہ اڳ منهنجو پنهل پاڻ سان ساڻ ڪري، پنيور منجهان نڪري پيا. هتي سسئي وري بہ پنهل جي ڀائرن کي ڪوبہ ڏوهہ ڏيڻ بجاءِ پاڻ کي ئي ڏوهاري سمجهي يعني هن جو اهڙي نموني هليو وڃڻ. هن جي پنهنجي گهٽ ذات هجڻ جو سبب هو. ہي معنيٰ ۾ جيئن هن پاڻ کين لڄارو بڻايو هجي. هتي سسئيءَ جي پيار جي انتها نظر اچي ٿي، يعني توڙي جو سندس گهوٽ سيج تان ظالم صفت ڀائر کڻي ويا هئس تڏهن بہ هوءَ انهن جي عزت جو خيال ڪندي. پنهنجي بدبختيءَ تي لڙڪ وهائيندڙ آهي:

لڄايا مونهان، ساجهر ٿي سيڻ ويا؟
پين پنيوران، سڌ منهنجي ذات جي. "حسيني"

سوچن جا دليل ڊوڙائيندي سسئي سراپا سور بڻجي وڃي ٿي، تنهن ڪري پنهنجي اندر منجهان اٿيندڙ پيڙا جي پڇر پاڻ تي سٽيندي پشيماني ۽ پڇتاءَ واري ڇر ۾ ڇرندي ان نتيجي تي پهچي ٿي تہ آءٌ جن لاءِ آهون ۽ دانهون پئي ڪريان. انهن سان تہ منهنجو ڳانڍاپو ٿيندڙ ئي ڪونہ هو. نہ مان هنن جي خون منجهان هيس يعنيٰ منهنجو انهن سان ڪو خانداني سڱ ئي ڪونہ هو. تنهن ڪري انهن سان سنگاوتي ڪرڻ مون کي ڪونہ ٿي جڳائي. هڪ طرف اهي بادشاهي گهراڻي جا فرد هئا ٻيو ذات جا ٻروچ ـ سندن مقابلي ۾ آءٌ هڪ گهٽ ذات ڪميڻي هيس. پلا ٽاٽ ۽ بخمل جو پيوند ڪٿين ٿو ٿي سگهي. سو منهنجي ذات پلا ٻروچن سان ڪيئن ٿي جڙي سگهي. اهو پيار ۽ محبت جو لاڳاپو منهنجي دماغي خلفشار جو نتيجو هو. باقي آءٌ انهن ٻروچن جي ڪنهن بہ نموني ۾ همعصري ڪري نٿي سگهيس. ڪاش اهو عقل مون کي ڪجهہ وقت اڳ اچي ها.

نڪي ٿيان سڱ م، نڪي سگهيٽي،
آهيان ڪميٽي، ذات ٻروچيءَ نہ جڙان. "حسيني"

سسئي سوچيندي چوي ٿي تہ آءٌ عمر جي ان حصي ۾ آهيان جنهن ۾ غلط ۽ صحيح کي چڱي پر سمجهي سگهجي ٿو. مگر پوءِ بہ منهنجي من ۾ پنهل جي محبت جو آخر مچ چو ٻرندڙ آهي. آءٌ تہ هن جي پيرن جي پٽيءَ برابر بہ ڪونہ آهيان. هو سردار آهي ۽ آءٌ ٻانهي بہ ڪونہ سونهان پر پوءِ بہ منهنجي دل کي الائي ڇو ڏکو نہ ٿو اچي يا تہ منهنجو من پنهل سان ڪنهن اهڙي پيچ ۾ اڙجي ويو آهي ۽ اها محبت واري ڳنڍ اهڙي تہ پيچجي وئي آهي جو ڪيس ڇڏائڻ مشڪل آهي. رکي رکي خيال اچي ٿو تہ ان نہ ڪلنڌڙ پيچ کي پلا ڇني ڌار ڪري ڇڏيان. پر ائين بہ صرف ان ڪري نٿي ڪري سگهان جو اها پيار واري ڳنڍ مون کي ڏاڍي پياري آهي. جنهن

ڪري ان کي ڇنڻ جي ڪوشش ڪندس تہ بہ ڪيس ڇني ڪونہ سگھندس. ڀلا ڪو پنهنجي هٿن سان پنهنجو هينئڙو بہ ڪڏهن ڪٽي سگھي ٿو؟ اهو ڏاڍو مشڪل آهي ڀل اندر ۾ ڄر ٻرندي هجي دل جي سڙڻ جي ڪڙاڻ ۾ جيڪو لطف اچي ٿو ان جي خبر انهن کي ئي پئجي سگھندي، جن جي اندر ۾ ڪنهن هوت جي الفت جو آشيانو هوندو.

ٻڌو ڪنهن پنڌاڻ، هينئڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پيس ڪاڻ، نبيريانس نہ نبري! "حسيني"

هيءَ سموري ڪائنات پروردگار پنهنجي پيار سان ٺاهي آهي، ۽ جنهن لاءِ ٺاهي اٿس اهو ڪيس محبت جي آخرين منزلن ڪان بہ گھڻو پيارو آهي. ٻي معنيٰ ۾ هيءَ دنيا خدا جي عشق جو شاهڪار آهي. جنهن شئي جو بنياد عشق تي ٻڌل هجي. ان ۾ رهندڙ پوءِ ڀل ڪٿي ڪيترا بہ ڪمزور ڇونہ هجن پر ڇا پيار ڪان پرهيز ڪري سگھن ٿا؟ اهو ناممڪن آهي. سسئي ۽ پنهون تہ هڪڙا تمام ننڍڙا ڪردار آهن. جن کي جنهن ڳايو آهي انهيءَ تہ صرف ڪين اوٽ بنائي آهي. اصل ۾ سسئي ڪير آهي پنهون ڪير آهي. سندن محبت جا پيچ ڪيترو پيچيل آهن. ڇا اهي ڇنڻ جوڳا ٿي سگھن ٿا؟ يا ڪنهن جي مجال آهي جو انهن کي ڇنڻ لاءِ سوچي بہ سگھي. انهن کي ڇنڻ ٻي معنيٰ ۾ پاڻ مارڻ ٿيندو ۽ پاڻ مارڻ حرام آهي. جنهن لاءِ ڪوبہ ايمان وارو حرام موت مرڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ ٿيندو.

جيئن تہ محبت جو پهريون نشانو عقل ٿئي ٿو. محبت جي تير لڳڻ سان عقل زخمي ٿي پوي ٿو ۽ اهو بسمل مثل تڙپندو رهي ٿو. نہ ڪيس زندگي رهي ٿي ۽ نہ ئي مٿس موت اچي ٿو. ان ڪشمڪش ۾ عقل جي سوچ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏي ٿي. يا ڪٿي ائين چئجي تہ عقل کي ڪنهن ڳالهہ جي سوچڻ جو هوش ئي باقي نٿو رهي.

ڀلا ڪو اڌ ڪٺل بہ ڪو عمل ڪري سگھي ٿو! سسئي اهڙي ڪيفيت ۾ هوندي چوي ٿي تہ جيڪڏهن مون کي ڄاڻ هجي ها تہ پنهونءَ جي جدائي جو مون کي نياڻي ڏسڻو پوندو تہ جيڪر شروع ۾ ئي تقدير جو لکيو ڌوئي ڌاهي ڇڏيان ها تہ هيءَ ڪيچ ڏانهن وڃڻ وارو ڪشالو ئي ڪين ڪڍڻو پوي ها. پر مون ائين نہ ڪيو. اصل ۾ مون کان ائين ڪرڻ ئي ڪونہ ٿئي ها. يعنيٰ آءٌ ائين ڪري ئي ڪونہ سگھان ها. ڇاڪاڻ تہ تقدير لکڻ وارو هٿ ئي منهنجي پهچ کان گھڻو پري هو. جنهن تائين منهنجي پهچ ئي ممڪن نہ ٿئي ها. ڀلا عشق تي ڪنهن جو زور ٿو هلي سگھي. ڇاڪاڻ تہ اهو پنهنجي مرضيءَ سان تہ ٿيندو ئي ڪونهي پر اهو هڪ اهڙو غيبي اثر آهي جيڪو اوچتو حملو ڪري تابع بڻايو وجھي ٿو ۽ هزارين سورن جي هوندي بہ عشق ۾ اهڙو تہ مزو آهي جو ان جي چاشني چکڻ بعد ٻئي ڪنهن بہ طعام جي طلب ئي ڪونہ ٿئي.

ڄاڻي جي ڄاتوم، تہ پوندو فرق فراق جو،
اڪـــر ارادت جو، ڌريـــائـــين ڌو تـــوم،
پوءِ تان ڪونہ ڪيوم هوند ڪشالو ڪيچ ڏي. "حسيني"

سسئيءَ جو چوڻ آهي تہ دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ جيو شايد ئي هجي جيڪو عشق جي آزار کان آجو هجي. هونءَ تہ ٿورو ڪي گھڻو سورن جو سرمايو هر ڪنهن وٽ موجود آهي. پر انهن سان پاڻ کي ڀيٽيندي جڏهن ڏسان ٿي تہ مون وٽ سورن جا

وڏا انبار پريل آهن. جن جون پريون ڪنيون پئي هلنديون رهان. پر افسوس اهو اٿم ته انهن جا خريدار نظرئي نٿا اچن. ڇاڪاڻ ته اهي مونکان گهڻو پري لڏي نڪري ويا آهن. پر منهنجو به اهو قصد آهي ته اهي سورن جون پريون مٿي تي رکي انهن خريدارن کي ڳولي لهندس. ۽ ساڻن رهاڻيون ڪري سندن امانتون کين سنڀالي ڏيندس. ڇاڪاڻ ته اهي سور منهنجا پنهنجا هوندي به منهنجا ڪونه آهن پر اهي ته پرينءَ جا ئي مليل آهن، تنهنڪري انهن جو وٽن پهچائڻ منهنجو فرض آهي.

مٺ مٺ سورن سيڪنهن، مون وٽ وٿاڻان،
پريون ڪيو پٿان، ويا وهائو نڪري. "حسيني"

پرين ڳوليندي ڳوليندي سورن جا سور سهندي هاڻي ان منزل تي پهتي آهيان. جتي سورن جو علاج پاڻ سور ئي ٿيندا آهن. تنهن ڪري نه چاهيندي به اهو پئي سوچيان ته پرينءَ کي ڳوليندي ئي رهان يعني سندس تلاش جاري رکيو اچان. مگر من جي آند ماند اهو به چوندڙ آهي ته پرين نه ملي ته بهتر آهي ڇاڪاڻ ته جيڪا هوت سان ملڻ جي اندر ۾ اساٽ آهي سا ان حد کي پهتل آهي. جيئن هڪ بيابان ۾ پاڻيءَ جي ڳولا ۾ رلندڙ مسافر اوچتو ڪنهن چشمي تي اچي پهچي ۽ بي اختيار ان تي ڪري پنهنجي اڃ اجهائي ڇڏي. ان سان ڪيس فرحت ته ضرور ايندي پر اهو اڃ وارو مزو ڪانئس ڪسجي ويندو. ساڳي طرح منهنجي ڳولا دوران جيڪڏهن پرين مون کي ملي ويو ته سندس وصال سان منهنجي اندر جي اساٽ جيڪا ساڻس نه ملڻ سبب موجود آهي. اها ختم ٿي ويندي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ائين ٿيڻ سان هن پيار ۾ به ڪو فرق اچي وڃي تنهنڪري.

ڏوريان، ڏوريان مَ لهان، شال مَ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مُڇڻ ملڻ سان ماٺي ٿئي. "حسيني"

تمام گهڻي مٿا ڪٽ ۽ اندر جي دليلن جي پڇر سسئي جي مايوسيءَ کي به مايوس ڪري ڇڏي. هونءَ به غمن جي گهڻائيءَ بعد اهي ڏک گهڻي قدر تڪليف جو علاج ثابت ٿيندا آهن، سسئي پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ جدائيءَ جي هر پهلوءَ تي سوچيندي ڪڏهن پاڻ کي ڏوهاري پئي سڏي ڪڏهن پاڙيوارن کي ٿي ڏوراپا ڏنا. هڪڙي هنڌ ته پنهونءَ کي ڳولهڻ جو ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏڻ جي ڳالهه ڪندي، ائين به چوي ٿي ته پنهونءَ کي ڳولهيندي رهان پر هو نه ملي ته بهتر آهي. ڇاڪاڻ ته وصل بعد اهو محبوب جي جستجو وارو جذبو ختم ٿي ويندو.

ٻيو وري اهو ٿي ٻڌائي ته ڏک جو ذرو ذرو هر ڪنهن کي مليل آهي. پر انهن جي مقابلي ۾ وٽس بي انداز ڏک آهن ۽ اهي ڪيس ڏاڍا پيارا به آهن. ڇاڪاڻ ته جن پيارن جي مون کي تلاش آهي اهي ته مون کان گهڻو پري هليا ويا آهن ۽ مون وٽ سندن ڏک ئي ساٿي آهن. هڪ هنڌ پاڻ کي گهٽ ذات سڏيندي پنهونءَ جي قابل نٿي سمجهي ۽ چوي ٿي ته ڪٿي پنهونءَ جي ٻروچاڻي ذات ڪٿي آءٌ گهٽ ذات ۽ اهوئي سبب هو جو ٻاروچا پنهنجي عزت تي ٽڪو لڳائڻ کان بچندي مون کي هٿ ڇڏي منهنجو ساٿ ڏٿي پنهون پاڻ سان ڪٺي هليا ويا، مطلب ته سسئي هر لحاظ کان پاڻ کي ئي ڪمتر ۽ ڏوهاري سڏيندي پنهونءَ پويان ڪهندي رهي آهي. پوءِ ڪٿي ڏاگهن کي پاراتا ڏنا اٿس ڪٿي ڏونگرن تي ڏمري آهي ڪٿي ڏيرن کي ڏماڳ

ڏيڻ جو جوابدار سڏيو اٿس. ڪٿي سچ تي ڪاوڙي آهي ڪڏهن هوا تي دبري آهي.

انهيءَ ايڏي وڏي ڪشالي بعد آخر ۾ سندس ذهن ان حد ڪي رسي ٿو تہ اي موڙهيل سسئي تون دل نہ لاهہ! نااميد نہ ٿيءُ ڇاڪاڻ تہ نااميدي ڪفر هجڻ سان گڏ جستجو واري جذبي کي بہ ماري وجهندي آهي، تنهنڪري توکي اميد جو آسرو ڪنهن بہ قيمت تي نہ ڇڏڻ گهرجي. ۽ تنهنجي سڪ جي اها تقاضا هئڻ گهرجي تہ هڪ ڏينهن توکي تنهنجو پنهل ضرور ملندو ۽ توکي سک پلئہ پوندا. جيئن اونداهي رات کان پوءِ روشن ڏينهن ٿيڻ جي پڪ هوندي آهي. آسمان تي جيڪڏهن وقتي بادل چڙهي ايندا آهن تہ اهي مستقل ڪونہ هوندا آهن. اهي وڏ ۾ وڏ برسات وسائڻ کان پوءِ پاڻ هرتو لهي ويندا آهن ۽ آسمان هڪ واري وري ستارن سان جرڪي پوندو آهي. هاڻي ائين سمجهہ تہ تمام جلد تنهنجو پنهون وڏي چاهہ ۽ شوق منجهان اٺن جون قطارون وٺيو بِس اجهوڪي اجهو تو وٽ پهچڻ وارو آهي.

هاري! هينئون مَ لوڏ، سکن پوندينءَ سسئي!
ڪوهيارو تو ڪوڏ، اچي ڪرهہ قطاريو. "حسيني"

# شاهہ جا اکيڻ متعلق ويچار

انساني جسم ۾ منهن کي وڏيڪ مانائتو سمجهيو وڃي ٿو ۽ ظاهر ۾ جيڪا عزت ڏني وڃي ٿي اها انسان جي پيشانيءَ کي ڏني ويندي آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن کنهن کي ذليل کيو وڃي ته به سندس منهن کي نشانو بڻايو وڃي ٿو. جهڙوڪ ڏک هڻڻ پوندو ڏيڻ وغيرهہ. انساني صورت ۾ کن، نک، وات ۽ اکيون سندس سهڻي هجڻ يا کوجهي هجڻ جو سبب هونديون آهن. ۽ انهن عضون ۾ نازڪ عضوو اکيون هونديون آهن. هتي شاهہ سائين اکين جي مختلف بيتن ۾ تشريح کندي سندن عمل ٻڌايو آهي ۽ اهو پڻ واضح کرڻ جي کوشش کئي آهي تہ انهن جو انسان جي زندگي ۽ اخلاق سان کيترو گهرو لاڳاپو آهي ۽ سندن عملن جو انساني زندگيءَ تي کيترو اثر پوي ٿو.

سڄي رات آرام کرڻ کان پوءِ جڏهن اکيون ننڊ ختم کري پنهنجا طاق کولن تہ سج اڀرڻ کان اڳ کين محبوب جو ديدار کرڻ کپي يعني سندن ٻاهرين دنيا جي ڏسڻ جي شروعات حق سچ جي ديدار سان ٿي هئڻ گهرجي. هتي اهو سوال هر کنهن جي ذهن ۾ ضرور اچي سگهي ٿو تہ ڇا هر هک ماڻهوءَ جو محبوب هجڻ ضروري آهي. جواب ايندو تہ اهو ضروري کونهي، پر اِهُ ذاتي طرح پوري پک سان چوان ٿو تہ اسان منجهان هر هک جو اهڙو محبوب ضرور آهي جنهن جو صبح سوير سج اڀرڻ کان اڳ ديدار کرڻ نہ صرف ثواب جو کارڻ آهي پر ان جي ديدار کرڻ سان ڏينهن جي شروعات بابرکت بڻجي ٿي. هاڻي جيڪڏهن اسان جون اکيون صبح ٿيڻ تي ان جي ڏسڻ کان محروم رهجي وڃن تہ اها اسان جي بدبختي تہ ضرور آهي پر اسان جي اکين لاءِ بہ سٺو سوڻ کونهي. هاڻي اهو آخر کهڙو محبوب آهي جنهن جو ڏسڻ اسان لاءِ ضروري هجڻ سان گڏ اسان جي زندگيءَ کي بہ گل گلزار بڻائي سگهي ٿو. اهو آهي "قرآن پاک".

شاهہ سائين جو چوڻ آهي تہ:

> اڀرندي ئي سج، پرين جي نہ پسنديون،
> کدي ٻئي ڏج، اکڙيون کانگن کي. "آسا"

جيئن کنهن جانور واسطي چارو، مشين لاءِ تيل آهي، تيئن انسان جي زندهہ رهڻ لاءِ کاڌو ٿئي ٿو ۽ کاڌي جي شروعات ماڻهو ناشتي سان يعني "نيرن" سان کندو آهي ۽ نيرن ماڻهوءَ لاءِ منجهند جي ماني کان بہ وڌيک ضروري ان کري بہ ٿئي ٿي تہ هو جيکو بہ کم شروع کندو. اهو نيرن کيل هئڻ کري تمام سٺي نموني کري سگهندو نہ تہ نيراني هجڻ کري اول تہ سندس کم کرڻ ۾ دل ئي نہ لڳندي پر جي هرويرو زور زبردستيءَ سان اهو کم کندو تہ اهو ايڏو سٺو کونہ ٿي سگهندس ۽ اهو ئي خاص سبب آهي تہ امير تہ خبر ناهي کهڙن طعامن سان نيرن کندا آهن پر اسان جا غريب قسم جا ماڻهو هاري، ناري، مزدور وغيرهہ پيو نہ تہ کم تي وڃڻ کان اڳ رات جو بچيل کاڌو، جنهن ۾ پت، سکي ماني پاروٿو ڀوڙ گرم کري يا اٽين ٽڏوئي کائي نيرن کري وڃي پنهنجي کرت

سان لڳندا آهن انهيءَ اصول کي ذهن ۾ رکندي شاهه سائين اکين لاءِ چوي ٿو جن ساجهري محبوب جو ديدار ڪيو، تن ائين سمجهو تہ جڻ نيرن ڪيائون ۽ اهڙي قسم جو ديدار من ۽ روح لاءِ حج جي سعادت جهڙو ليکيو وڃي ٿو.

تن نيڻن کي نيران، جن ساجهر سيڻ سانڀيتيا،
جيءُ، جسي ۽ جان، ڪر حضوري حجُ ڪيو. "آسا"

اسان جي مذهب موجب پنج وقت عبادت لاءِ مقرر ٿيل آهن. پر هڪڙو اهڙو بہ وقت آهي جيڪو پيغمبرن جي عبادت لاءِ مخصوص هو پر ڪنهن عام ايمان واري کي ان وقت عبادت ڪرڻ جي منع ڪونہ ٿيل آهي ۽ اهو وقت آهي "اسر" يعني ڏليءَ رات جو جنهن کي تهجد جو وقت بہ چيو وڃي ٿو. ان وقت ۾ سچو عالم ننڊ جي پاڪر ۾ هوندو آهي اصل ننڊ جو مزو بہ ان وقت ئي اچي ٿو. پر اهڙن دل کي وٽندڙ لمحن کي ڇڏي جيڪي اکيون، اپ پير بيهي محبوب کي راضي ڪرڻ لاءِ بيدار ٿي بيهن ٿيون ۽ سندن ارادو بہ صرف مالڪ کي راضي ڪرڻ هوندو آهي. جنهن ڪري هنن جو ڪم ئي صرف الاهي قربت حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪين ٿئي ٿو، تنهن ڪري بنا ڪنهن ٻئي رنگ ۾ رنگجڻ جي محبوب جي رهاڻ ۾ رڱجڻ واري آس ۾ غرق ٿيون. اهي پڪ سان ان خالق جي رنگ ۾ رنگجي وينديون.

اکيون علي الصباح، دوست ديکڻ آئيون،
ايـنديون ارداس ۾، ٻـي نـہ ڪـنـديون ڪاءِ،
رچنديون راءَ پاهہ، پر چنديون پرينءَ سين. "آسا"

اکيون محبوب جي ديدار واسطي روزانو روئن بہ ٿيون تہ خوش بہ ٿين ٿيون، يعني سندن روز مرڻ ۽ جيئڻ معمول بڻيل هجي.

اکين جهڙو بکيو جڳ ۾ شايد ئي ڪو هجي. اهي محبوب کي ڏسڻ جي باوجود ٿوري جهٽ لاءِ بہ جيڪڏهن دلبر کائن اوجهل ٿو ٿئي تہ هنجون هاريندي حال کان بيحال ٿيو وڃن. يعني ايڏو زارو قطار ٿيون روئن جيئن ڪو محبوب هنن کان ورهين جو وڇڙيل هجي، وري ان ئي جهٽ ۾ محبوب جو هڪڙو جلوو پسڻ سان سرهيون ٿيو پون، يعني سندن ڪيفيت بہ عجيب ڪيفيت آهي تہ گهڙيءَ ۾ خوش گهڙيءَ ۾ مايوس. ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا دلبر جو ديدار ڪرڻ جي باوجود بہ ڪين ڪنهن وڃايل شئي مثل ڳوليندڙيون رهن ٿيون. جيڪو وقت ڪيس نٿيون ڏسن. اهو وقت بيتاب پريشان رهندي اپاٽڪيون ٿيو پون مطلب تہ دلبر جي هڪ پل بہ ڪانئن دوري برداشت نہ ٿي سگهندي آهي اهي انهيءَ ديدار درشن واري معاملي ۾ ايتريون بکيون آهن. جو سندن ڍاپڻ ئي محال آهي. مطلب تہ اهي نہ ڍاپي نہ ڍاپنديون.

وســـڻ ۽ وهـــڻ، ڏهـــاڙي ڏســـڻ لاءِ،
ڏسـي ڏسـي آئـيـون، تـوءِ تـلاشـون ڪـن،
ڍاپـيـون نـہ ڍاپـن، پسـڻ منـجهان پـرينءَ جي. "آسا"

طالب ۽ مطلوب جون اکيون جڏهن ملي چار ٿين ٿيون تہ سندن چال ۾ عجب فرق اچيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهي عشق سکڻ بعد ڪڏهن هڪبئي تي ڪاوڙ ڪنديون آهن، ڪڏهن گهور وينديون آهن ڪڏهن رسيو پون تہ ڪڏهن وري ڪير ڪنڊ ٿيو پون.اهڙي قسم جون اکيون محبتي ماڻهن جون ٿين ٿيون. ۽ وڏي ڳالهہ تہ

اهي بي زبان هوندي بہ زبان رکندڙ هونديون آهن. يعني عاشق ۽ معشوق جون اکيون خاموش هوندي بہ پاڻ ۾ ڳالهائينديون آهن پر عشق وارن جي اکين ۾ جيڪا رمز هوندي آهي اها هر کنهن اک ۾ هجڻ مشڪل آهي.

اکڙيون، اکڙين تي، ڏمر ڏوس ڪرين،
جيلانه سکڻ سکيون، تيلانه دعويٰ منجهہ دڙين،
ڪلن ۽ ڪرين رسن پرچن پاڻ ۾. "آسا"

اکين تي کنهن جو بہ اختيار ڪونهي متن ڪوبہ پابندي نتو لڳائي سگهي. اکين کي کنهن طرف ڏسڻ کان روکي نٿي ڪونہ سگهبو. ڪو ڪيترو بہ طاقتور ڇو نہ هجي سندس در تي ڪي جوڏا بہ سلام ڇو نہ پريندا هجن پر پوءِ بہ هو اکين جي اڳيان بلڪل بيوس هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهي قدرتي طرح هونديون ئي اجهل آهن. ڪين جيڪڏهن ڇپرن سان ڍڪيو وڃي. تڏهن بہ وڏي ۾ وڏا فاصلا لتاڙي انساني جسم جي آرام ۾ هجڻ واري حالت ۾ بہ اهي ننڊ ئي ننڊ ۾ پنهنجي دل گهرئي جو ديدار ماڻي اچڻ ۾ ڪمال رکنديون آهن اهڙي طرح اهو ماڻهو جنهن جي جسم جون اهي اکيون توڙي حصو ٿين تيون ان جي بہ ڪا پرواهہ ڪونہ ڪن.

اکين ڪي آئون، جان ڪي جهلون پائيان،
لوڪ لتاڙي ننڊ ۾، ساڄن سو نائون،
مون ڪي ماريائون، پاڻ پرچي آئيون. "آسا"

اکيون انتهائي درجي جون بيوقوف بہ هونديون آهن. منجهن ڪابہ دوراندیشي ڪونہ ٿئي نہ ئي ڪو مصلحت پسندي کان ڪم وٺي ڄاڻن. اهي پاڻ هريون ۽ پاڻ پريون بہ هونديون آهن، جنهنکري محبت ۾ اهڙي هنڌ وڃي اٽڪنديون جتي جوکم ئي جوکم هوندو آهي ۽ اهو جوکو پنهنجي مت سبب ئي پرائين تيون پر جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ جنهن هنڌ اهي اٽکن تيون اتي ڀي ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ يا سڏ سماءُ جو چارو ئي نہ هئڻ ڪري سواءِ جان قربان ڪرڻ جي ٻيو ڪو سودو ئي.نہ ٿهي سگهندو.

اکين پنهنجي مت، پاڻ سين پاٿهين ڪٿي،
اتي وڃي لڳيون، جتي جان ڪپت،
نہ ڪا ڳالهہ نہ ڳت، جيءُ ڏني رِءُ نہ جڙي. "آسا"

دنوي لاها چاڙها پسندي شاهہ سائينءَ جهڙي فقير صفت شخصيت بہ ائين چوڻ تي مجبور آهي تہ دنيا وارن جي هلت جي ابتڙ هلو پنهنجي سياءَ ۾ عام ماڻهن کان بلڪل مخالفت ۾ هلو پنهنجي اک کي بہ اِبتو رکو ماڻهو جيئن دنيا ۾ هلن ٿا، تون بلڪل انهن جي ابتر هل جيئن ٻيا دنيا کي جنهن نظر سان ڏسن ٿا تون بلڪل ائين نہ ڏس جيڪڏهن ڪي ماڻهو دنيا جي ساگر ۾ لهوارا وهن ٿا تہ تون اوڀارو ۽ اوچو وهہ جنهن بہ شئي کي ڏسين تہ ڪيس پوري ڏيان سان ڪامل نظر سان ڏس ۽ محبوب جي سامهون ڪند ڪٽي نہ وڃ پر بلڪل پٺيرو رهي پوئين پير پرين ڏانهن پنڌ ڪر مطلب تہ هن دنيا جي چال کي محسوس ڪندي ان جي بلڪل ابتڙ هلو.

اک الــتـــي ڏار، ونءَ الـــتـــو عـــام ســـين،
جي لــهــوار و لــوک وهــي، تــون اوچو وه اويــار،
مــنـجهــان نـوچ لــهــار، پـر پــٽــيرو پـريـنءَ ڏي. "آسـا"

شاهہ سائين عام سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ اڪيون اهي ڏار يعني اڪين ڪي اهڙي طرح هيراءِ تہ جئين اهي صرف پنهنجي محبوب ڏانهن ئي ڏسنديون رهن يعني محبوب کان سواءِ ڪنهن غير يا ڌارئي ڏانهن ڏسڻ جو گمان ئي پيدا نہ ٿئي پر جيڪڏهن اڪين غلطيءَ ۾ بہ ڪنهن ٻئي ڏانهن نهاريو تہ سندن شامت اچي ويندي ڇاڪاڻ تہ انهن اڪين ڪي پنهنجو محبوب ڪري مڃيو آهي. اهو تمام گهڻو غيرتمند آهي ۽ هڪ غيرتمند پنهنجي عزت تي حرف اچڻ ڪڏهن بہ برداشت ڪري ناهي سگهندو.

اڪـيـون سـيـئـي ڏار، جن سـان پـسـين پـريـنءَ ڪـي،
ٻئي ڏانـهـن ڪـيـم نـهار، گـهـڻـو ريـسـارا سـپـريـن. "آسـا"

چوندا آهن تہ محبت ڪئي نہ ويندي آهي پر ٿي ويندي آهي. اها گهڻي قدر حادثاتي ٿيندي آهي. پر اهو محبت ٿيڻ وارو حادثو بہ ڏاڍو وڻندڙ هوندو آهي ۽ دل کي فرحت ڏيندڙ هجڻ سان گڏ پاڪ بہ ٿئي ٿو. جنهن ڪري ڪيس پاڪ جذبن جو اظهار بہ چيو وڃي ٿو. محبت ٿيڻ سان انساني اڌورا جذبا مڪمل ٿين ٿا. محبت ۾ روحن جو سچو ڳانڍاپو پڻ هوندي آهي. هن جي ٿيڻ سان حليمائپ نهٺائي، خوش خلقي جنم وٺن ٿيون. اهڙن گڻن سان انسانيت مڪمل ٿيندي آهي. اڪين جو بہ عجيب سڀاءُ ٿئي يعني اهي ايترو حساس ٿين ٿيون جو ڪنهن اجنبي کي بہ ڏک ۾ ڏسي پريشان ٿيو پون، ان ڪان سواءِ سندن محبت ڪرڻ جو بہ عجيب انداز ٿئي ٿو. ڪين ميرن مارڻ منجهان ئي مزو ايندو آهي تنهن ڪري ڪنهن چاڪر تي تہ ڪين فلڪ ئي ڪونہ اچي. پنهنجي الفت جو ڇار اهڙي هند اڇلائيندي ڪامياب ٿين ٿيون. جتي ڪنهن پوري پني تہ نهيو پر چڱي ڀلي جي پهچ بہ مشڪل هوندي آهي. هي معنيٰ ۾ محبت جي راند ۾ اهڙو ميدان فتح ڪن ٿيون جتي ڪنهن توب تلوار يا ڪنهن ٻئي وڏي هٿيار کي بہ هلڻ جي طاقت ڪونہ هوندي آهي. ان لاءِ وڏيڪ شاهہ سائين وري هيئن بہ چيو آهي.

اڪــين ڪــي آهــين، عــجب جيــهــون عــادتــون،
ســـور پــرائـــي ســـات جا، وجيـــو وهـــائـــين،
اتــي لــنـوءَ لائين، جت حــاجت نــاهہ هــٿـيــار جي. "آسـا"

ڪنهن دل گهرئي کي جيڪڏهن تمام گهڻي عزت بخشي وڃي تہ ان لاءِ ائين بہ چيو ويندو آهي تہ آءٌ تہ تنهنجي راهہ ۾ نيڻ وڇائي تنهنجو آدرياءُ ڪندس. هاڻي نيڻ ڪي قالين يا ڪيمخاب جو ٽڪرو ڪونهن جو ڪنهن جي آمد تي ان جي رستي ۾ وڇائي سگهبا پر ان شخص سان وڌ ۾ وڌ محبت جو اظهار انهن لفظن ۾ ڪيو وڃي ٿو.

هاڻي ان دوست جي آمد تي ڪيس ويهارڻ لاءِ ڪنهن پڪي جاءِ يا ايئرڪنڊيشن بنگلي جي آڇ ڪئي وڃي تہ بہ غلط نہ ٿيندو. پر هن کي ائين چيو وڃي تہ آءٌ تہ توکي اکين ۾ جايون ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ان منجهان ان مهمان جي شخصيت جي

بلنديءَ ظاهر ٿيڻ سان گڏ، سندس ميزبان جي آڇ منجهان سندس عقيدت جي پروڙ پوي ٿي، جڏهن ته هن سائنسي دور ۾ ته ڇا پر ڪنهن به دور ۾ اهو ممڪن ئي نه پئي ٿي سگهيو ته ڪنهن لاءِ رستي مٿان نيڻ وڇايا وڃن يا ڪنهن کي اکين ۾ ويهاري سگهجي. پر محبت ڪرڻ وارن ته ان حد تائين به چئي ڏنو ته تنهنجي سانڍي رکڻ لاءِ منهنجون اکيون ئي مناسب جڳهه آهي. جنهن ۾ توکي ويهارڻ بعد سندس ڇپرن واريون دريون اهڙي طرح بند ڪري ڇڏيان جو توکي زماني جو ڪوبه نه ڏسي ۽ نه ئي آءٌ ڪنهن ٻئي جي صورت پسي سگهان. يعني گفتن جي ڇاڻ به رڳو اسان ٻنهي تائين محدود رهي. اهڙي چاهت کي محبت جو معراج به چئي سگهجي ٿو ۽ معراج جي معني آهي تمام وڏي بلندي هاڻي جيڪي پيار جي ايڏي وڏي منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندڙ هوندا، اهي ئي اهڙا لفظ اچاري سگهن ٿا ته

اکين ۾ ٿي ويهه، ته آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آءٌ نه پسان ڪي ٻيو. "آسا"

# شاهه سائين حق جي ڳولا ۾

هر انسان کي قدرت طرفان مليل مت مختلف هوندي آهي. تنهنڪري سندس زندگيءَ جو انداز به مختلف ٿئي ٿو نه رڳو زندگي پر سندس سوچ جو اڏام به ڌار هوندي آهي، جنهن ڪري خاص صفتون، نفرت ۽ محبت جا بيان به وٽس جدا جدا هوندا آهن. انسان گهڻي قدر پنهنجي جنس تي موهت ٿي منجهس سمائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پوءِ انهيءَ جستجو ۾ ڪيس ڪيترين ۽ ڪهڙي قسم جون رنڊڪون پيش اچن ٿيون انهن سان ڪيئن مهاڏو ٿو اٽڪائي اهو سندس سچي اڪير تي هوندو آهي. دل گهرئي جي حصول واسطي جيڪي سائس رقابتون ڪندا آهن، انهن سان نفرت جو ذهني اظهار ڪندي. وقتي طرح جسماني به اٽڪي پوندو آهي. جنهن دوران ڪيس ذهني پيڙا سان گڏ جسماني زخم به رسي پوندا آهن. پر انهيءَ عشق جي راند ۾ جيڪي ثابت قدم رهيا، انهن کي اوس ڪاميابي حاصل ٿئي جنهن بعد اهي عشرت ۾ گم ٿي وڃن ٿا. يعني منجهائن اهو جستجو وارو جذبو ئي ختم ٿي ويندو آهي، جنهن سبب اهڙن ماڻهن کي دنوي يعني زماني سان گڏ هلندڙ انسان ڪوٺيو ويندو آهي. پر شاهه سائين اهڙي ڪرت کان گهڻو مٿانهون هيو، تنهن ڪري سندس محبت جو مڪان به وڏي مرتبي جو هو اهڙي محبت صرف وڏي ظرف وارن کي ئي سونهندي آهي. شاهه جي حب جو مرڪز اها اڻ ڏٺي ذات هئي، جيڪا نظرن کان اوجهل هئڻ باوجود به نظر ايندڙ آهي هن جي حسن ۽ ڪمال عقلمندي جو پوري ڪائنات نه صرف مظهر آهي پر سندس سچائيءَ جو قسم کڻندي سندس ئي ثنا جي ورد ۾ ويڙهيل آهي، ان افضل جي ڳولا ايڪانت ۾ ويهي اکيون پوري ئي ڪري سگهجي ٿي، مراقبي ڪرڻ منجهان صرف اها مراد آهي ته هن ظاهري دنوي ڪشش کان پاسيرو ٿي، انهن حسين وادين جي حسن کي پاسيرو رکي انهن جي اصلي خلقيندڙ جو جلوو ماڻي سگهجي. اهو عمل ڪيترو ڏکيو آهي. ٿيڻ جوڳو به آهي يا هرويرو هٿ وٺي پاڻ کي پريشانين جي ويرين حوالي ڪرڻ جيان آهي انهن سوالن جا جواب صرف اهي ئي ڏئي سگهندا، جن پنهنجي ذهن ۾ اٿندڙ اهڙن سوالن کي به لاجواب بڻائي. پنهنجي پرت واري پرانگهه انهيءَ آسري تي اڳتي وڌائن ٿا ته سندن پير اهڙي هنڌ تي ضرور پوندو جتي هتان وارن منجهان ڪنهن جو ايرپير ئي نه هوندو. خيالن ۽ سوچ جي ڦوڪڻن تي سوار ٿي عاشق محبوب جي تلاش ۾ لامڪان تائين پهچي ڏسي ٿو ته انهيءَ بخت کان به بالا رهبر کي ڪنهن ڊيگهه ويڪر ۾ سمائي ئي نٿو سگهجي، يعني هن جي ڪنهن هڪ ڪمال جي به ڪا حد مقرر ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي حدون ته خود ان جون محتاج آهن. جيڪڏهن سندس صرف هڪ صنف حسن کي ڏٺو وڃي ته ان جي به ڪا حد يا حساب ئي نه ملي سگهندو. هتي عاشق پنهنجي سڪ کي ڏسندي اهو محسوس ڪري ٿو ته سندس سڪ انتها جي منزل کان به اڳيرو آهي، پر اڳيان صاحب حسن "مطلوب" پنهنجي حسن جي پري کان نگاهه جي حدن کان به "گهڻو اڳتي پسندي. عاشق جي سڪ جي ڪٿ کي نظر ۾ ئي نٿو آڻي. عشق مجبور ته حسن مغرور يعني معشوق کي ڪنهن جي ڪا پرواهه ئي ڪونهي.

لـوچان تـي لاحـد ۾، هـاديءَ لـهـان نــ حـد،
سـپـيـريـان جي سـونـهـن جو، نـكـو قـد نــ مـد،
هـت سـكـڻ بي عـدد، هـت پـريـنءَ پـرواناه كـو. ”آسا“

خالق پنهنجي خلقت ۾ ايترو تہ سموهيل آهي جو هن جي نظر ۾ خالق ۽ مخلوق هڪ ئي هنڌ بلڪل گڏوگڏ آهن، مطلب آهي تہ خالق خلقت کان جدا کونهي ۽ خلقت خالق کان خالي نہ آهي خدا ئي سموري ڪائنات جي مخلوق صرف ”انسان“ خالق جي چواڻي هن جو ڳجهہ آهي، ۽ وري انسان جو ڳجهہ خالق کانسواءِ ٻيو تہ ٿي بہ نٿو سگهي، ٻين لفظن ۾ ڪٿي ائين چئجي تہ خالق ۽ مخلوق هڪٻئي ۾ پاڻيءَ مثل ملايل آهن. جن منجهان هڪڙو آب حيات ۽ ٻيوسادو پاڻي آهي. پر سندن رنگ وزن توڙي ذائقو بلڪل هڪ جهڙو ۽ هڪ جيترو آهي، هاڻي انهن ٻنهي پاڻين مان جيڪڏهن آب حيات ۽ سادي پاڻيءَ کي جدا ڪرڻ گهرون تہ نہ ڪري سگهنداسون. چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ اسان جي سمجهہ کان گهڻو مٿاهون آهي. اهڙي ڳجهہ کي سمجهڻ خاطر الله لوڪ درويش جيءَ کي جفائون ڏئي من کي ماري انهيءَ تي متفق ٿيا تہ ڪک پن ۾ تون مان بہ تون تہ تون بہ تون مطلب تہ آسمانن ۽ زمينن ۾ صورت تون ئي تون آهين ۽ ان ڳالهہ کي ورد بڻائي هرڪو سچو فقير پنهنجي دڳ اهائي لات لنوندو ويو.

هـو پـڻ ڪـونـهـي هـن ري، هـيءَ نــ هـنـهـان ڌار،
الانــــســـان ســري وانـــا ســـره، پـــروڙج پـــچار،
ڪـــنـدا ويـــا تـــنـــوار، عـــالـــم عـــارف اهـــڙي. ”آســا“

هست ۽ نيست تي سوچيندي هست جا متلاشي ان کي پهچڻ لاءِ ان سوچ ۾ رهيا تہ هو جڏهن نابود ٿيندا تڏهن ئي بود کين ملي سگهندو. ظاهري نابود جي معنيٰ آهي فنا ٿي وڃڻ پر فنائيت اهڙي قسم جي هئڻ گهرجي جنهن ۾ بدن جو واسطو دنيا سان بہ لاڳاپيل هجي ۽ دلي لڳاءُ هست سان اهڙي انداز سان جڙيل هجي جو پنهنجون سڀ خواهشون صرف ان جي حصول واسطي هئڻ گهرجن. ان لاءِ ڪيتري مسافت ڪرڻي پوندي اهو صرف اهي ئي ٻڌائي سگهندا. جن جو من صرف سائينءَ جي تند سان گڏ تنواريندڙ هوندو. دنيا اهڙو ڪاڪ محل آهي، جنهن ۾ هر طرف انسان کي صرف هتي ئي مصروف رهڻ جي ترغيب ملندڙ آهي. هتي جون آسائشون شريڪ حيات جي محبت پنهنجي نسل وڌائڻ جي آرزو سچي پيار جي *ڀاڪر جي گرميءَ جو سواد آهي. سڀ اهڙا موهيندڙ منڌ آهن جن ۾ انسان منديل هئڻ ڪري نيست واري زندگيءَ کي ئي سڀ ڪجهہ ڄاڻندي هست ڏانهن سوچڻ جو ڪيس هوش ئي ڪونهي پر جن جي خيالي تند هست سان لاڳاپيل هجڻ جي طلبگار هوندي آهي. انهن لاءِ هن دنيا جون سموريون ڪششون ڪين برابر هونديون آهن. ڪين نہ تہ لٽي ڪپڙي پائڻ جو هوش هوندو آهي نہ بدن جي ٿاهہ ٿوهہ جو سماءُ.

هو هر حالت ۾ هست جي ميلاپ خاطر مدهوش هوندا آهن، جيڪا ظاهري زماني جي ماڻهن واسطي غليظ زندگي هوندي آهي، جڏهن تہ ظاهر اک کي نظر ايندڙ غلاظت ان اک جي پنهنجي ڇپي هوندي آهي. جيڪا سندس بينائيءَ واري

پردي تي پيل هجڻ ڪري باقي دنيا وارن کي ڇپيل پريل ڏسندي آهي. ڄڏهن تہ اهي ظاهري گدلا ۽ مست ملنگ ٿي هست جي هنج ۾ هوندي ساري عالم کان اتم هوندا آهن ۽ ڪين پاڻ جهڙن کان سواءِ پيو سمجهي ٿي ڪونہ سگهندو آهي.

نابوديءَ نيئي، عبد ڪي اعليٰ ڪيو،
صورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي،
ڪبي اِتِ ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي. "آسا"

جن پنهنجي وجود جي پرواهہ نہ ڪندي اعليٰ وجود جي وجداني قوت ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو. اهي ظاهري عبادتن کان بہ آزاد رهيا. هنن جي ڪنهن بہ وضو، نماز، روزي، سجدي جي جڻ ڪا پابندي ٿي ڪونہ هجي. ڇاڪاڻ تہ انهن جو خيال جڏهن حق کان ڇچي ڪنهن ٻئي پاسي وڃي تہ هو ان قسم جي عبادتن ڏانهن ڌيان بہ ڏين. پر جڏهن هنن جي هر گهڙي اٿڻ، ويهڻ، سمهڻ ايستائين جو جيئڻ ۽ مرڻ بہ ان حق تعاليٰ جي خوشنوديءَ تي مرڪوز هوندو آهي تہ پوءِ هو ڪنهن ٻئي پاسي جو ڏسندا اهي ظاهري زندهہ هوندي بہ پاڻ کي نابود ڪري چڪا هوندا آهن، ۽ اهو ئي انهن جو انعام آهي تہ هو هميشہ لاءِ حق تعاليٰ سان هڪ ٿي ويا.

جنِ وڃايو وجود کي، سي فاني ٿيا، في الله ۾،
نہ تن قيام، نہ قعود ۾، نہ ڪوڪن سجود،
جيلان ٿيا نابود، تيلان گڏيا بود کي. "آسا"

"آءُ"چوڻ وارا ڪڏهن بہ قادر جي قربت کي ڪونہ پهچي سگهندا جيئن عزازيل ڪيو. هن مالڪ جي مالڪيءَ کان انڪار ڪونہ ڪيو هو. پر هن پاڻ کي بہ ڪجهہ سمجهيو هو. تنهن ڪري رجيم جو لقب وٺي بيزاري جو طوق پائي جنت منجهان ڪڍيو ويو ۽ قيامت تائين لعنتي بڻجي ويو. خداوند ڪريم جتي رحيم آهي تہ اتي واحد القهار پڻ آهي. هو اڪيلو آهي نہ ڪنهن جو جڻيو آهي نہ ڪنهن کي جنم ڏنو اٿس. ڪيس هيڪڙائي پسند آهي جن ٻيائيءَ کي ٻن ۾ وجهي هيڪڙائيءَ جي سارا‌هہ ڪئي اهي ٿي پار پئجي ويا ۽ خوديءَ وارا وچ سير ۾ ٿاڦوڙا هڻندي ويرين جي ور چڙهي ڪيني جي مڇين جو کاڄ بڻجي برباد ٿي ويا. الله کي عجز ۽ عاجزي پسند آهي. سندس انهيءَ رمز کي ڏسندي سرور جا صلواة ۾ پير سچي پوندا هئا. جڏهن تہ مالڪ جا اهي لفظ بہ آهن تہ "آءُ" ۽ منهنجا ملائڪ رسول ﷺ تي صلواة پڙهن ٿا. جنهن ڪري اي ايمان وارؤ اوهان بہ رسول ﷺ تي صلواتون موڪليندا رهو. ڇا اهڙي پياري حبيب کي ڪنهن مصافت جي ضرورت هئي. جڏهن تہ ڪيس چيو ويو تہ منهنجا محبوب توکي ايتري عبادت جي ڪهڙي ضرورت آهي. جواب ۾ سهڻي عاجزيءَ سان عرض ڪيو تہ مالڪ تنهنجا ٻيا سيئي نالا رحمت پريا آهن، پر هڪڙو نالو اهڙو بہ آهي جيڪو بيپرواهيءَ جو مظهر آهي، يعنيٰ "واحد القهار" منهنجا سائين تون اهو نالو لاهي ڇڏ تہ پوءِ آءُ بہ عاجزي ڇڏڻ تي سوچيندس.

آئون، سين ان پار، ڪڏهن تان ڪونہ پيو،
ان الله وِترَ يُحبُ الوِترَ، نيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائي وٺ هار، هنجون جي هئڻ جون. "آسا"

جن پاڻ کي واحد وٽ ارپي ڇڏيو. انهن جا چوڏهن طبق روشن ٿي ويا. سندن

رڳ رڳ رباب ٻڄي واحد جي وحدانيت جي ورد ۾ وڄندي رهي ٿي.

اي مالڪ تون اڪيلو آهين تنهنجو ڪوبہ شريڪ ڪونهي تون ئي پوري ڪائنات جو خليقيندڙ آهين. هر شيءِ فنا ٿيندي، صرف توکي بقا آهي. يعني باقي تنهنجي ذات رهندي اهڙي قسم جو ورد جن وجود جو حصو بڻائي ڇڏيو. اهي هلندي ڦرندي. سمهندي بہ مالڪ کان غافل نہ آهن. سندن هر عمل عبادت ۾ شمار آهي.

تــن تــســبــيــح مــن مــٺــيــو، دل دنــبــورو جن،
تــنــدون جي طــلــب جون، وحــدت ســر وڄن،
وحـــده لا شـــريـــڪ لـــه، اهـــو راڳ رڳن،
ســي ســتــائــي جاڳن، نــنــد عــبــادت ان جي. "آســا"

## شاهه ساڻيهه جي سڪ ۾

حڪم آهي تہ جيڪو بہ واعدو ڪيو اهو پاڙيو. ڇاڪاڻ تہ واعدي لاءِ پڇا ڪئي ويندي. هن گوشت جي جسم ۾ جيڪو روح قوڪيل آهي ان جي خلقڻ وقت ڪائنس سچائيءَ جو واعدو ورتو ويو هو ۽ روح بغير ڪنهن حجت جي هائو ڪري پاڻ کي ان ويڙهي سان جوابدار بڻائي ڇڏيو هو تہ هو هر قدم سچ جو ڪڻندو ۽ سچائيءَ سان پنهنجو سفر پورو ڪري پنهنجي ساڻيهہ سان اچي سرخرو ٿيندو. اهو واعدو ڪنهن ظلم يا زبردستي ڪرڻ سان ڪونہ ورتو ويو هو. تنهنڪري ان ۾ ڪوتاهي ڪنهن بہ قيمت تي برداشت نہ ڪئي ويندي. پر جيڪڏهن ڪنهن ڪان واعدي خلافي ٿي يا ڪچائي ڪرڻ جو ڪو عمل ٿي پيو، تہ اهو پاڻ ان جي رسوائي ۽ ندامت جو سبب بڻبو ۽ ويڙهيچن طرفان جتي هر ڪنهن کي واعدي پاڙڻ جي عيوض رحمت جون خلعتون عطا ٿينديون. انهن جي وچير ڪنهن هڪ اڌ جو رسوا ٿيڻ سندس ئي وڏي ۾ وڏي بدبختي ليکي ويندي. مالڪ روحن کي گڏ ڪري سوال ڪيو:" ڇا نہ آهيان! مان اوهان جو رب؟" تڏهن سيني هڪ آواز تي جواب ڏنو "هائو" يعني اها هائوڪار مالڪ سان سچائي جو واعدو هو جنهن جو پاڙڻ لازمي آهي.

الست بربکم، جڏهن کن پيو م،
قالوا بلي قلب سين، تڏهن تت چيو م،
تنهين وير ڪيو م، وچن ويڙيچن سين. "مارئي"

هتي ويرهيچن جي ونگن ۽ ڏنگن ڏنگيندي مون کي بيحال ڪري وڌو آهي. پر قسمت ۾ جيڪو داڻو پاڻي لکيل آهي. اهو پورو ڪرڻو اٿم. نہ تہ هن قيد ۾ زندگي ڏاڍي ابتر ٿي گذري. وري بہ شڪر آهي جو جسم تي بندش آهي. پر منهنجا خيال آزاد آهن. يعني اڳ بدني طرح هت آهيان پر منهنجو روح مارن وٽ آهي. ڏينهن رات خدا جي در دانهون ڪندڙ آهيان. جيڪو ضرور منهنجون آهون ورنائيندو ۽ منهنجي مارن سان ميلاپ ڪرائيندو.

قيد الماءِ تيوم، هت اڙانگي گهاريان،
هناڪ جسمي والفوا دلد يکم، هيئون هت سندوم،
قادت شال ڪدوم، ميڙاڪو سين مارئين! "مارئي"

هتان جي مصافتن کي ڏسندي ايڏي چڙ پئي اچي تہ جيڪر هتان جي هر شيءِ کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيان. ڇاڪاڻ تہ مون کي صرف پنهنجي وطن جي هر شيءِ پسند آهي ظاهر ۾ ڪٿي هتي اتان جي مقابلي ۾ وڌيڪ آسائشيون بہ ڪٿي ڇو نہ ملن پر وطن جي ڪنهن ننڍي ۾ ننڍي شئي جي برابر بہ اهي ڪونہ آهن. اهو ان ڪري بہ آهي تہ اهي منهنجي اصليت جي خلاف آهن. جڏهن تہ هر شئي پنهنجي اصليت ڏانهن ئي ورتي آهي. تنهنڪري مون کي پنهنجا اصلي ماڳ مڪان ذهن تي نقش ٿيل آهن، پنهنجن جي پيار ۾ پوري طرح پوريل آهيان، جنهن ڪري انهن لاءِ پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتل مڇيءَ مثل ڦڙڪندي رهان ٿي، بس رڳو اهائي آس زندهہ رکيو اچي تہ خدا

ڪري تہ جيترو بہ جلد ٿي سگهي پنهنجي اصلي ماڳ موٽي وڃان ۽ پنهنجي اصلي وطن وڃي زيارت ڪريان.

هي هنڌ، پيٽون هاڻ، سازيان سڀ ڏيهين ري،
ڪل شئي يرجع الي اصله، ٿي جهجان جهانگين ڪاڻ.
پري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ مليرجو! "مارئي"

پنهنجي وطن ۽ ويڙيچن جي سڪ ايترو ستايو اٿم جو نہ ڪنهن لباس مٽائڻ جي سڌ اٿم نہ ئي جسم سينگارڻ يعني وهنجڻ سنهنجڻ ڪري وار مان چيڙهہ ڪڍي ڦٽي ڏئي سنوارڻ جو ڪوئي سماءُ اٿم. يعني اهو ظاهري ناهہ نوهہ ڪرڻ لاءِ ان ڪري بہ تيار نہ آهيان جو اهي سڀ ڳالهيون ساجن کي ڏيکارڻ لاءِ ڪيون وينديون آهن. جيڪڏهن آءٌ ڦاٽل ڪپڙا سبي ڪين ڌوئي صاف ڪري وارن ۾ ڦٽي ڳهمائي بدن کي عطر عنبر هٽي ڏسڻ لائق بہ بڻايان تہ اهو سڀ ڪنهن جي ڪاڻ ڪريان جڏهن تہ مون کي پنهنجي محبوب جي ديدار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چاهہ ئي ڪونهي:" اي دنيا جا مالڪ! بس اهائي آس اٿم تہ انهن ئي افعالن ۾ پنهنجي وطن وڃي، انهن دلبرن سان ملان جيڪي پاڻ انهيءَ ظاهري ناهہ نوهہ کان پري هوندا آهن. هنن کي منهنجي کهرج آهي ۽ مون کي انهن جي ئي تات طلب تاراج ڪيو آهي."

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ،
واسي وار نہ ويڙهيان، مر چڳون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙ رهَ، اندر ناهہ اڪير،
هيڙو حال همير! ولي شال ويڙهہ وڃان! "مارئي"

منهنجي اندر ۾ جن محبوبن جي ملڻ جي اڪير آهي. آءٌ جن جي صورت پسڻ واسطي هن زندگيءَ جي بندي خاني ۾ ڏينهن رات اوسارا چوندڙ آهيان. انهن پرين جي پسڻ واسطي هر وقت اڪيون آليون آهن. ڪٿي ائين نہ ٿي تہ آءٌ انهن جي درشن ڪرڻ کان سواءِ ئي مري وڃان. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ منهنجي پرينءَ جي ديدار واري اسات اندر ئي اندر دٻجي رهجي ويندي. مونکي زندگي ايترو پياري ڪونهي چاڪاڻ تہ موت اٽل آهي. اهو ڪنهن بہ وقت اچي سگهي ٿو. تنهن کان سواءِ جيڪو پاندو جڙيو آهي. اهو اوس پڄندو، پر مون کي صرف اهو ارمان آهي تہ پهريائين آءٌ پنهجي وطن وران پوءِ پل منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿين. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ منهنجي وطن وڃڻ واريون سڀ خواهشون منهنجي اندر ۾ هميشہ لاءِ رهجي وينديون. جيڪو مون لاءِ بدبختيءَ جو سوڻ ٿيندو.

الا! ائين مَ هوءِ، جڻن آن مران بند ۾!
جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا! "مارئي"

اي ساري دنيا ۽ منهنجي زندگيءَ جا مالڪ جيڪڏهن ساٿيهہ کي سارينديء منهنجو دم پرواز ڪري وڃي تہ منهنجي فاني جسم کي وطن جي سرزمين تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. چاڪاڻ تہ جن مارن جي ديدار لاءِ آءٌ هتي سڪندي ساهہ ڏنو. انهن کي جيڪڏهن مون جيئري نہ ڏسي سگهيو تہ مئي کان پوءِ ڪهٽ ۾ ڪهٽ منهنجو بوتو تہ انهن پرين جي پاڙي ۾ دفنايو وڃي. جنهن

منجهان ائين تہ تئي سگهي ٿو تہ منهنجا پرين مٿل حالت ۾ ئي سهي پر مون کي ڏسي تہ سگهندا ۽ مون کي دفنجڻ ۾ سندن هٿ تہ نصيب ٿيندا. منهنجي قبر تي چار قل پڙهي منهنجي روح کي تہ راحت بخشيندا. وڏي ڳالهہ تہ منهنجو ميت منهنجن پنهنجن جي مقام ۾ تہ هوندو. مرڻ کان پوءِ جيڪڏهن مون کي اهڙو اعزاز مليو تہ ائين سمجهندس تہ آءٌ مري وڃڻ بعد بہ جڻ جيئري ٿي پيس.

واجهـائـي وطـن کـي، سـاري ڏيـان سـاهـہ،
هي سر ساڙيهہ سامهون، منهنجو نج ميان،
مـقـامـيـاڻـي مـارئـين، وڃي ٿـر ٿـيـان!
مـيـائـي جيـان جي وڃي مـڙهـہ مـلـيـر ڏي. "مـارئـي"

پنهنجي وطن کان سواءِ مون کي هٽ طبيعت جي خلاف موڪلي جيئن قيد کيو ويو هجي تنهن ڪري هتي ڪٿي مون کي زندگيءَ جون بهتر کان بهتر سهولتون بہ جونہ مهيا ڪري ڏنيون وڃن، پر پوءِ بہ مونکي پنهنجي وطن جي سخت زندگيءَ جيترو بہ مزو ڪونہ ايندو. تنهن ڪري منهنجي اندر ۾ جيڪا پنهنجي وطن پسڻ جي اڪير آهي. تنهن منجهان ائين ٿو لڳي تہ آءٌ هتان جي فرحتن هوندي بہ زندهہ رهي نہ سگهندس يعني جلد يا دير هن قيد ۾ تڙپي تڙپي مري ويندس. پنهنجي ساٿيهہ واسطي جيڪڏهن آءٌ هت مري وڃان تہ منهنجي حق جي بادشاهہ کي اها گذارش آهي، تہ منهنجو لاش منهنجي وطن ڏانهن موڪليو وڃي ۽ منهنجي گور وطن جي ولين جي پڙسان ٺاهي وڃي جيئن مون کي انهن جي خوشبوءِ ايندي رهي. مري وڃڻ بعد جيڪڏهن مون تي اهو احسان ڪيو ويو تہ آءٌ ائين سمجهندس تہ آءٌ مري وڃڻ جي باوجود بہ زندهہ ٿي پوندس.

واجهـائـي وطـن کـي، آئـون جي هـت مـيـاس،
گـور مـنـهـنجي سومـرا! ڪج پـنـوهـارن پـاس،
ڏج ڏاڏائـي ڏيـہ جي، مـنـجـهـان ولـڙيـن واس،
مـيـائـي جيـاس، جي وڃي مـڙهـہ مـلـيـر ڏي.

منهنجي وطن جا ماڻهو ٿوري ڪاڻڻ جي باوجود صبر شڪر ڪندي ڏاڍو خوش ٿا گذارن ۽ اهي سڳهہ ۾ بہ سگهارا آهن. عزت آبرو بہ سندن سلامت آهي. هنن جو لباس ڪٿي تمام سادو آهي سندن جسم مٿيءَ ۾ پريل هجڻ جي باوجود اهي ان ميراڻ جي پرواهہ ڪرڻ بنا ڏاڍو مطمئن نظر پيا اچن. انهن ڳالهين تي جيڪڏهن ڪنهن کي يقين نہ اچي تہ اهي پاڻ وڃي پنهنجي اکين سان ڏسي سگهن ٿا تہ منهنجا مارو واقعي سادي زندگي هوندي عزت ۽ مان پري زندگي گذاريندڙ آهن.

ٿـوري قـوت قـراريـا، رهـن سـبـرسـت،
ڪـٺـيءَ ۾ ڪـهـہ پـڪـلـيـا، پـوٺـن اهـڙيءَ پـت،
پـنـوهـار ڪـي پـت، پـيـهـي پـج مـلـيـر ۾. "مـارئـي"

هن زندگيءَ جي بند ۾ روح راڙو ڪندي، اندرئي اندر ڪنهن اڻ پريل باهہ ۾ پڇري رهي آهيان ۽ اها پڇر انهن پنوهارن لاءِ آهي، جيڪي منهنجي اکين کان پري آهن. رکي رکي اهي پور پيا ستائن تہ ڇا ان پڇر جو آخر خاتمو بہ ٿيندو الائي نہ، پر رب کي اها ونتي آهي تہ منهنجي پنوهارن طرفان ڪو غيبي قاصد اچي ان معرفت

ڪا چڱائيءَ واري خبر ڏيرتہ من انهيءَ آئت تي منهنجي اندر جي جهڄڻ ۾ ڪو افاقو اچي ۽ جيڪو وطن واسطي روح راڙو ڪندڙ آهيان شل ان ۾ ڪا ڪمي ٿئي. باقي نہ تہ جنهن نموني وطن ورڻ جو اونو اٿم خبر نہ آهي، اهو ڪڏهن سدورو ڏينهن ايندو جڏهن هن زندگيءَ جي قيد منجهان آزاد ٿي اهي سنگهارن جا سير ڏسندس جنهن لاءِ منهنجو سڪون بہ سڙيل آهي.

جهران جهڄان ٿي، جڻن پسٽان پري ٿيا،
الا! اوني آٿين، جو ڪينءَ جي خبر ڏي!
من منهنجي ڪي! واڪو لهي ويڙهہ جو! "مارئي"

اها پڪ ڄاڻ تہ هتان جي هر شيءَ فاني آهي ايستائين جو جيڪا توکي زندگي مليل آهي اها پڻ عارضي آهي. تنهنجي اصلي مالڪ واري زندگيءَ جي مقابلي ۾ هتان جي بند وارو وقت ائين سمجهہ تہ گهڙي پلڪ جو مس آهي. تنهن ڪري اصلي وطن وڃڻ واري آرزو ڪڏهن بہ ختم نہ ڪر پنهنجي اميد تي قائم رهہ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو جهول نہ پوڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سچي سپ ۾ ئي موتي سمايل هوندو آهي، اهي ئي انسان عظيم سمجهيا وڃن ٿا. جن جا قدم سچائيءَ تي رک جي ڪيرن مثل ڪتل رهن ٿا. انهن کي جيڪڏهن ڪو هيو بہ لوڏڻ جي ڪوشش ڪري تہ ڪين ٿورو بہ لوڏي نہ سگهندو. پر تون آهين جيڪر پاڻ پنهنجي سر روح راڙو ڪري گيڏي هجڻ جو ثبوت ڏيندڙ آهين. پنهنجي اصلي پنوهارن جي عزت تي نظر وجهہ تہ انهن جي عزت جو ورد پکي پکڻ جيت جٺيان هوائون وڻ ٽڻ ۽ پٿر بہ ڪندڙ آهن. سندن خاندانيءَ پوري زمين آسمان کي پنهنجي حلقي ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ انهن جي ئي حڪم تي تون هت آيل آهين ڇاڪاڻ تہ سندن مرضي کان سواءِ ڪنهن پن کي بہ چرڻ جي طاقت ڪونهي - هن بند کان پوءِ جڏهن تون پنهنجي وطن ورندينءَ، تڏهن تو تي حقيقت ظاهر ٿيندي تہ هتان جي زندگي اتان واري زندگيءَ جي مقابلي ۾ توکي هڪ جهٽ پلڪ برابر محسوس ٿيندي، تنهنڪري ان ۾ تنهنجي ئي ڀلائي آهي. تہ تون پنهنجي حق سچ تي قائم رهي هن عارضي بندي خاني تي ثابت ڪري سگهين تہ هن جي تڪليفن باوجود تنهنجي سچائيءَ تي ڪو بہ حرف نہ اچي سگهيو پر پاڻ زندان عجب ۾ رهيو تہ هن جي تڪليفن ۾ رهي تون هڪ آوي مثل پچي راس ٿي نڪتينءَ تنهنجون تمام ڪچايون هن ۾ رهي سڙي رک ٿي ويون ۽ تون لال ٻڄي پنهنجي وطن وڃڻ لاءِ مڪمل تياري ڪري ورتي. دنيا دارالعمل ۽ آخرت دارالجزا آهي، تنهنڪري يقين ڄاڻ تہ تون تمام جلد پنهنجي سچائيءَ کي سواري ٻڌائي پنهنجي وطن ضرور موٽي وڃي سرخرو ٿيندين.

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ نہ لاهہ،
ڪامڻ! اهجي ڪر جي، آڏ وڏائي آهہ،
هت مَ پاڙج هيڪڙو، پائرَ جي پساهہ،
ستي! سيل تنباهہ، ملير ويندينءَ مارئي! "مارئي"

سچي ڏيهہ کي پهچڻ جي سدا ڪرڻ تہ سولي آهي پر اتي پهچڻ لاءِ اجا توکي گهڻي قرباني ڏيڻي پوندي. اهي جيڪي من اندر شيطاني وسوسا ۽ نفساني خواهشون اٿئي. انهن جو بلڪل خاتمو ڪرڻو پوندءِ، ڇاڪاڻ تہ پن ذهنن وارو ڪڏهن بہ حق

کي نٿو پھچي سگھي، حق کي پھچڻ وارا سڪ جي وهڪري ۾ وهڪرو بڻجي پوندا آهن. توکي اهو خيال رکڻ گھرجي تہ تون جنهن بادشاهيءَ ۾ وڃڻ جي خواهش رکندڙ آهين اتي ہيائيءَ جي ڳالھ بنھ ڪونهي. اتي تہ صرف هيڪڙائي هلندڙ آهي. تنهنڪري پنهنجي نفس کي ختم ڪري پاڻ کي پچائي ريتو ڪر. ان بعد جڏهن تنهنجي وطن ۾ آمد ٿيندي تڏهن ئي تنهنجو مان مٿاهون ٿيندو.

ستي تنهنجي ست ۾، ڳالھ گھرجي ڳچ،
وڃيو، ڇيريو ڇڇريو، پر ۾ ايي پچ،
ساڻ امانت اڇ، تہ تئين سماني سانڍيہ ۾. "مارئي"

دنيا جو سمورو ڪاروبار اميد تي قائم آهي، تنهنڪري انسان کي پنهنجي هر ڪم مان هميشہ چڱائيءَ جي اميد رکڻ گھرجي. هتي اسين سمنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ سپ جو جيڪڏهن مثال وٺون تہ هو هڪ جيت هوندي بہ اميد جي ڪمال منزل تي نظر اچي ٿو. سپ اٿاھ سمنڊ ۾ رهڻ جي باوجود بہ هو ڪڏهن پلجي بہ سمنڊ جو پاڻي ڪونہ پيئندي آهي شايد.ان ڪري جو هن کي سمنڊ جو ڪارو پاڻي پسند ڪونہ اچي پر ائين ناهي سپ پل درياءَ ۾ ئي ڇو نہ هجيءَ درياءَ جو مٺو پاڻي هئڻ جي باوجود بہ ڪونہ پيئندو آهي. سندس انهيءَ عمل منجھان سمنڊ جي ڪاري پاڻي نہ پيئڻ واري ڳالھ جو ٻيو پهلو ملي ٿو يعنيٰ سپ سمنڊ توڙي درياءَ جو پاڻي قطع پيئي ئي ڪونہ پر هميشہ درياھ يا سمنڊ جي مٿاڇري تي پنهنجو وات پٽيو برسات جي پاڻيءَ جي انتظار ۾ رهندو آهي. پوءِ جڏهن برسات وسندي ۽ مينهن جي پاڻيءَ ڦڙي سندس وات ۾ پوندي تہ هو هڪدم پنهنجا چپ بند ڪري تري ۾ هليو ويندو. چاڪاڻ تہ برسات جي پاڻي پوڻ سان هن جي پيٽ ۾ موتي جنم وٺندو آهي. هاڻي هڪ سپ کي پنهنجي مراد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪيترين برساتي موسمن جو انتظار ڪرڻو پوندو آهي، ان ڳالھ کي ڏسندي جيڪو ماڻهو پنهنجي محبوب جي قربت حاصل ڪرڻ چاهي ٿو تہ ڪيس بہ جڏهن اڻ ڳڻيا ڪشالا ڪڍڻا پوندا تڏهن ئي دلبر جي ديد ڪيس حاصل ٿي سگھندي.

سپ سمونڊين سپجي، ابر آساروس،
ٻاڙو پسي نہ ٻيڙي، مٺو منهن لڳوس،
ماٺڪ تي مڙيوس، جئن تنگ ڪڍيائين تار ۾. "مارئي"

منهنجي محبت جون ڳنڍيون پنهنجي محبوب سان ڳنڍير گاھ جي ڳنڍين جهڙيون مضبوط آهن. هن زماني جون پابنديون، جيڪي مون کي محبوب کان پري رکڻ جي ڪوشش پيون ڪن سي شاھ جي چواڻي آهي تہ ڳنڍير جي ڳنڍين جي مقابلي ۾ ڪمزور ڳنڍيون آهن. اهي منهنجي سڄڻ جي محبت جي مقابلي ۾ تمام ٿورو ئي زور سان ڇڄي پونديون. جيڪي ٿورو وڏيڪ مضبوط آهي. اهي وري آءُ وطن وڃي ڪولي ڇڏيندس.

جئن ڳنڍيون منجھ ڳنڍير، تئن مون من ماروئڙن جون،
ڏنيون لس، لطيف چئي، هنئڙي کي همير،
وڃي منجھ ملير، سپ ڇوڙيندس سومرا! "مارئي"

چوندا آهن تہ درد جي گھٽائي آخر ان جي دوا بڻجي پوندي آهي سو منهنجي

مونجهاري جي واڌ ان حد کي پهتي آهي. جو اندر منجهان اهو پيو آواز اچيم تہ هاڻي دلبر جي ميلاپ واسطي توکي نہ تہ روئڻ گهرجي نہ رڙيون ڪرڻ کپن نہ ٿي لڙڪن هارڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ تنهنجي بنديخاني وارا ڏينهن بہ هاڻي پورا ٿي چڪا آهن. تنهنڪري توکي جيڪي قيد ۾ رکڻ جون زنجيرون لڳل آهن، انهن کي هاڻي باهہ ۾ وجهي ساڙي ڇڏ. ڇاڪاڻ تہ تون هاڻي تمام جلد پنهنجي پرينءَ کي وڃي پهچندين.

مَ ڪي روءُ، مَ رڙ ڪي، هنجون هڏ مَ هار،
تو تان بند بدا ٿيو، پيڙيون نيٺي پار،
پهچندينءَ پنوهار، سگهي سنگهارن کي. "مارئي"

# شاهہ سائينءَ جو غيب تي ايمان

شاهہ سائينءَ جي بيتن تي نظر وجهڻ سان اهو بلڪل روشن ڏينهن وانگر پڌرو ٿي وڃي ٿو، تہ سندس بيت سندن چواڻي ظاهر ۾ بيتن جي فارم ۾ ضرور آهن. پر انهن جي اصليت ڪا اچا ٻئي آهي. جنهن کي جيڪڏهن ڪي مون پارا سڌڙيا پروڙڻ جي ڪوشش ڪن ها تہ ڪين وڏي مسافت سان منهن ڏيڻو پوي ها. پر پوءِ بہ اهو ممڪن هو تہ ايڏي مٿاڪٽ بعد بہ شايد سندن صحيح روح جي ترجماني نہ ڪري سگهن ها.

تنهنڪري لاڪيٽي لطيف اسان جهڙن پوري پني سمجهہ رکندڙن تي رحم ڪندي ۽ آئيندي جي انديشن کي نظر ۾ رکندي يا ورڱي بيتن جي غلط معنائن ٿيڻ جي خوف کان خوفزدهہ ٿيندي پاڻ ئي پنهنجن بيتن جي وضاحت ڪري ويا. جيڪا ڪجهہ هن ريت آهي.

جي تـو بـيـت پـانـئـيـان سـي آيـتـون آهـين،
نـيـو مــن لائـيـن پـريـان سـنـدي پـار ڏي. ”سـهـڻـي“

”آءُ هڪ ننڍڙي اديب جي حيثيت ۾“ اهي منهنجا لفظ رسمي ڪونهن، ۽ آءُ اهي لفظ ان ڪري بہ نٿو چوان تہ انهن لفظن اچارڻ سان منهنجي قد ۾ اضافو اچي ويندو. ظاهري قد ۽ ڪاٺ جي لحاظ کان آءُ بندرو بہ ڪينَ آهيان.

هتي شاهہ سائين جي مٿين پڙهيل بيت کي رهنما بنائيندي مون سندن بيتن جي گلستان منجهان ڪجهہ اهڙن گلن جي چونڊ ڪئي آهي. جيڪي موضوع ۽ معنيٰ جي لحاظ کان ڪئي، هڪ ٻئي کان مختلف آهن پر سندن مول متا انهن مٿين بيتن سان گهڻي ياڳي نهڪندڙ آهن. شاهہ سائينءَ لاءِ اهو مشهور آهي تہ هن ڪڏهن بہ پين پنو ڪٿي ويهي شعر ڪونہ لکيو.

پر قلبي عبادت ڪندي وجد ۾ اچي ويندا هئا. ۽ سندن انهيءَ ڪيفيت ۾ هنن جي دهن مبارڪ منجهان شعرن جي صورت ۾ گل جهڙڻ شروع ٿي ويندا هئا. جيڪي وٽن ويٺل فقير جهوليءَ ۾ ميڙي ڪاغذ تي منتقل ڪندا هئا ۽ وجد کان پوءِ جڏهن شاهہ سائين اصلي حالت ۾ ايندو هو تہ سندن فقير ڪين اهي شعر پڙهي ٻڌائيندا هئا جواب ۾ شاهہ سائين چوندو هون. ”تہ بابا اهي تہ چوڻ واري چيا آهن، مون کي تہ ڪا انهن جي ڪل ئي ڪونهي“. ان منجهان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ لاڪيٽي لطيف جي تن جي تنوار پنهنجي خالق حقيقيءَ سان جمڻ کان ئي واڪيل هئي. ظاهري طرح شاهہ سائين جيتوڻيڪ پاڻ کي مختلف روپن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر تڏهن بہ سندن تبليغ واري تار پوءِ بہ مالڪ سان ئي مليل نظر اچي ٿي لطيف سائين سسئيءَ جي روپ ۾ چوي ٿو تہ:

سسئي لـنـگـهـيـو سو، مَردَ جنهن مات ڪيا،
جَبَلَ وڏو جو، نُوڻِ مِڙوِئي نـيـنـهـن کـي. ”ديـسـي“

اڳتي هلندي پنهنجي پيار ڀري تبليغ سان پريل مهراڻ جي سچي موتيءَ مثل روح کي راحت رسائيندڙ رسالي ۾ مارئي ٻڌجي مالڪ کي التجا ڪندي عرض ڪري ٿو.

سونهن وچا ۾ سومرا! تينديس ڪيئن قبول
ڪونهي سَهڳ نہ سولَ، پُوچي مُنهَن پَنو هارسين. "مارئي"

شاهہ سائين سهڻيءَ ۾ لکندي. سگهڙن مثل ڳجهارت ڏيڻ بعد، سوچيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ سندن اٿيڙهيا پرستار ڳولي نہ سگهن تنهنڪري پنهنجي پيرولي پاڻ ئي پيچي ٻڌائي آهي:

ساهڙ سا سُهڻي، سائر پڻ سوئي،
آهي نجوئي ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي. "سهڻي"

اهڙي طرح پنهونءَ جي پروڙ ڪندي جيڪا ڳالهہ ڪئي اٿن ان جو متن ڪجهہ هن ريت آهي.

پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نکو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سُور هُئا. "سسئي آبري"

ٻنائي گهوٽ پاڻ کي ليلا ٻڌائي پاڻ تي تنقيد ڪندي چوي ٿو تہ اجائي لڄڻ پچڻ منجهان ڪي ڪين ورندو جيڪي ڪجهہ حاصل ٿئي ٿو. اهو عملي جدوجهد جو ثمر هوندو آهي. سندن بيت آهي.

ليلا لڇ م َ ايترو اتي اڳڻ سُور،
ابو، ڏاڏو گهورِ، پاڻ سُوڌو پِريڻءَ تان. "ليلا چنيسر"

شاهہ سائينءَ پنهنجو صفر جاري رکندي، جهر جهنگ، جبل، بيابان لتاڙي ڪاڪ ڪناري پهچي وڃي ٿو، جتي مومل جي مامرن کي ڏسندي. سوڍي سان سونهون ٿي ٿو ۽ اندر جو اوڪر ڪيندي. هئين چوي ٿو:

مومل ماري مِير آ هيڙين کي آ ڪِري،
سوڍيءَ گهڻا سڪائيا پڙهيا پٽت پير،
هَئي تن کي تير، مٿيو جن مٿن ۾. "مومل راڻو"

شاهہ سائين شيطاني حرڪتن ۽ عادتن جي اثر کي محسوس ڪندي ڪاوڙجي پوي ٿو ۽ ظاهري صورتن جي پويان لڪل اصلي شڪلين جي اصل تي چوهہ چنڊيندي اهڙن ابليس صفت ماڻهن کي آئينو ڏيکاريندي چوي ٿو تہ اهو اوهان جو نقلي مهانڊو عام يورڙن ماڻهن جي ٻنيلائڻ ۾ وڏو پارٽ پلي ڪري ٿو.

پر ڪنهن ڪوڙ کي صراط مستقيم تي ترجيح ڏيارڻ وارو سنت ابليس ادا ڪندڙ آهي هيٺ بيت ۾ اهڙن اداڪارن جي پت وائکي ڪندي چوي ٿو.

منهن تہ موسيٰ جهڙو عادت ۾ ابليس،
اهو خام خبيث ڪڏي ڪوة نہ چڙئين. "آسا"

# نئون نياپو اڪيڊمي

## جا مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

ورثو: تهذيب جي بڻ بنياد جي ڳولا (سفرنامو)- مائيڪل ووڊ - قيمت: 200 رپيا

اتهاس جا آواز - سنڌيڪار ۽ سهيڙيندڙ: انعام شيخ - قيمت: 150 رپيا

تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ - (تاريخ/تحقيق) اڪرام ساگر عباسي - قيمت: 40 رپيا

آخر فتح عوام جي ٿيندي - (انٽرويوز) مير مرتضيٰ ڀٽو - قيمت: 60 رپيا

سنڌوءَ جي سفر ڪهاڻي - (سفر نامو) قيمت: 200 رپيا

هڪ ڇوڪري هئي - (ڪهاڻيون ۽ ناول) ڪرشن ڪتواڻي - قيمت: 100 رپيا

درد هڪ پيار جو - ترجمو: سنڌري اتم چنداڻي - قيمت: 100 رپيا

وارڊ نمبر ڇهون - (ڪهاڻيون) انتون چيخون - قيمت: 100 رپيا

صديءَ جو سفر - (ڪهاڻيون) طارق قريشي - قيمت: 45 رپيا

## نئون نياپو جا ويجهڙ ۾ ڇپرا ٿيل ڪتاب

سنڌ ارغون دؤر ۾ - (تاريخ/تحقيق) اڪرام ساگر عباسي - قيمت: 30 رپيا

*منهنجي زندگيءَ ۾ آيل عورتون ۽ مرد* - خشونت سنگهه - قيمت:50 رپيا

گيتانجلي - رابندرناٿ ٽئگور - سنڌيڪار: ڊاڪٽر گل - قيمت: 50 رپيا

هِن پار مان هُن پار تون - (ڪهاڻيون)ڪرشن ڪتواڻي - قيمت: 50 رپيا

## جلد ايندڙ ڪتاب

شاهه عبداللطيف ڀٽائي: فن، فڪر ۽ شخصيت - جديد مطالعو - ادا قاضي - قيمت:30 رپيا

ميٽا مورفسس : فرانز ڪافڪا/ ڊاڪٽر گل - قيمت: 50 رپيا

عربن جي مختصر تاريخ : فلپ ڪي هٽي / خالد اسماعيل خاصخيلي

ڪلي ۽ وساري ڇڏڻ جو ڪتاب: ميلان ڪنڊيرا / خالد اسماعيل خاصخيلي

---

وي.پي. گهرائڻ لاءِ لکو:

4/24 رحمٰن ڪورٽ، تبت سينٽر ڪراسنگ، ايم اي جناح روڊ ڪراچي 74400